## اداريو: ميلاد النبي ﷺ جا 1500 سؤ سال

## جاني آيو جوءِ ۾ ، ٿيا قلب قرار

الحمدلله عليٰ إحسانه، والصلاة والسلام عليٰ خير خلقه محمد وآله وأصحابه أجمعين.

حضور سرور ڪائنات، فخر موجودات، امام الانبياءِ والمرسلين، محبوبِ رب العالمين، قائد غر المحجلين عليہ و عليٰ آلہ و اصحابہ افضل الصلوات و اڪمل التحيات جن جي مبارڪ تشريف آوري جا ١٥٠٠ سؤ سال پورا ٿيا آهن. سندن ولادت باسعادت رڳو تاريخي واقعو نہ پر اها ڪائنات جي سڀ کان وڏي رحمت ۽ هدايت واري نعمت عظميٰ آهي.

اڄ جڏهن دنيا انڌيرن، ظلم، ناانصافين ۽ اخلاقي بحرانن ۾ ڀٽڪي رهي آهي، تہ ١٥٠٠ سال اڳ جو اهو آفتابِ رسالت ﷺ اسان کي ٻيهر ياد ڏياري ٿو تہ نجات جو رستو فقط سنتِ محمدي ﷺ جي اتباع ۾ آهي. اسان لاءِ وڏي سعادت آهي تہ هن مبارڪ سال ۾ رسول الله ﷺ جي سيرت طيبہ جي مختلف پهلوئن تي وڏن عالمن، اديبن ۽ محققن جا مضمون هڪ هنڌ شامل ڪري "محبت وارو گلدستو" تيار ڪيو آهي.

هي "سيرت نمبر" انهيءَ مقصد سان ترتيب ڏنو ويو آهي تہ پڙهندڙن تائين حضور صاحب لولاڪ ﷺ جي جامع ۽ عالمگير شخصيت جا رخ پهچن. چاهي اهو سماجي انصاف هجي، اخلاقي بلندي هجي، يا انسانيت لاءِ امن ۽ محبت جو پيغام.

هن سال خوشقسمتي سان ايوان بالا (سينيٽ آف پاڪستان) مان بہ هڪ شاندار قرار داد پيش ٿي آهي تہ

" وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون هن موقعي کي اعليٰ سطح تي ميلاد النبي ﷺ جون محفلون،ميڊيا مهم، فلاحي قدمن ، سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ نجي عمارتن بشمول تعليمي ۽ ڪاروباري ادارن ۽ ميڊيا هائوسز ۾ پروگرام ۽ گڏ وگڏ ادارن ، شاهراهن تي چراغان ۽ سجاوٽ ذريعي ملهائين. ۽ سڀ ادارا حضور خاتم النبيين ﷺ جي تعليمات جي مطابق امن، رواداري ۽ ڀائيچاري کي فروغ ڏين. الحمد لله عليٰ ذالک

# رَاشِـدُ التَـفـاسِـير

## قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (38)

**از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره**

پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا. ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته ”پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن“ جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان ”راشد التفاسير“ رکيو ويو آهي.

أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيمِ

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمَٰنِ الرَّحِيمِ

اِنَّ الۡمُنٰفِقِيۡنَ فِي الدَّرۡكِ الۡاَسۡفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ (سورة النساء: آيت ١٤٥)

(بيشڪ منافق دوزخ جي هيٺين تري ۾ آهن)

منافق ٻه قسم آهن، هڪڙا ظاهري ٻيا باطني، ظاهري اهي آهن جيڪي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ نماز پڙهندا هئا ۽ غنيمت جو مان وٺندا هئا ۽ ظاهر ۾ مسلمان به چورائيندا هئا مگر اندر ۾ ڪافر هئا! الله تعاليٰ انهن جي حق ۾ آيت نازل فرمائي آهي. باطني منافق اهي عارف آهن جن پاڻ کي احديت جي درياء ۾ ٻوڙي ڇڏيو! جنهن ڪري انهن جو نالو نشان ئي نه رهيو ۽ عالم امر ۾ هيئن چون ٿا:

من خدایم من خدایم من خدا
فارغم از کبر و کینه و از ہوا!

(مان خود خدا آهيان مان خدا مان خدا، تڪبر، ڪيني ۽ حرص ڪان فارغ آهيان!)

وري جڏهن عالم خلق ۾ اچن ٿا تڏهن هن طرح چون ٿا:

اَنْتَ خَالِقِيْ وَاَنَا مَخْلُوْقٌ اَنْتَ مَالِكِيْ وَاَنَا مَمْلُوْكٌ

(تون خالق آهين آئون مخلوق! تون مالڪ آهين آئون ٻانهو)

هتي عبديت ۽ عبوديت ۾ وار جيترو بہ فرق نٿا ڪن، ۽ شريعت کي نٿا ڇڏين ۽ پاڻ فرمائيندا هئا تہ عارف جو دُن عرش عظيم آهي ۽ دن ڪان هيٺ عالم خلق آهي! عالم خلق جيڪو دن جي هيٺان آهي عارف ان جي مٿان هٿ ٻڌي عبادت ۾ مشغول ٿيندا آهن ۽ ڪوبہ شرعي ڪم نہ ڇڏيندا آهن!

منم یک بند مرد تمامی
کند باخواجگی کارے غلامی

(مان انهيءَ ڪامل مرد جو غلام آهيان، جيڪو سرداري باوجود ٻانهي جو ڪم ڪندو آهي)

اندرون شو آشناؤ از بیرون بیگانہ باش
با این چنین زیبا روش کمتر بود اندر جہان

(اندران اندر واقف ۽ جيئن ڪو ٻاهران بيگانو هجي، اهڙي سهڻي روش دنيا ۾ ڪا تمام گهٽ هوندي) ۽ دن ڪان مٿي عالم امر جو آهي جڏهن ان ۾ پهچن ٿا تڏهن وري هيئن چون ٿا:

من خدایم من خدایم من خدا
فارغم از کبر و کینہ و از ہوا

## درس حديث

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضي الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ: أَنَا سَيِّدُ وَلَدِ آدَمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، وَ أَوَّلُ مَنْ يَنْشَقُّ عَنْهُ الْقَبْرُ، وَ أَوَّلُ شَافِعٍ وَ أَوَّلُ مُشَفَّعٍ.

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله ﷺ فرمايو: ”مان قيامت جي ڏينهن سڀني اولادِ آدم جو سردار آهيان. ۽ سڀ کان پهرين مان قبر مان نڪرندس، ۽ مان ئي سڀ کان پهريون شفاعت ڪندس ۽ منهنجي شفاعت سڀ کان پهرين قبول ڪئي ويندي.“

## درس ملفوظات شريف

حضرت پير سائين روضي ڌڻي رضي الله عنه جن فرمايو ته هڪ اصحابي کي شراب پيئڻ جي عادت هئي هڪ ٻه ڀيرا حضور سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ توبه ڪرڻ جي باوجود عادت مٽائي نه سگهيو ٽين ڀيري اچي خالص توبه ۽ ندامت ظاهر ڪيائين. مگر رسالت مآب ﷺ جن جي درگاهه ۾ حاضري کان حجاب سبب قاصر رهيو. آخر هڪ ڏينهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه هن سان گڏيو ۽ احوال معلوم ڪرڻ بعد ترار اگهاڙي ڪري مٿس حملي لاءِ تيار ٿيو. ايتري ۾ حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي شفاعت سندس مدد ڪئي ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي فرمايائون ته تو فقط هن جي بدعملي تي نظر رکي آهي، حالانڪه هن جي دل اسان جي محبت سان معمور ۽ ڀريل آهي شايد اسان سان سندس محبت جي ڪري ئي ان کي توبه نصيب ٿئي.

# مهر نبوت ﷺ

**امام العارفين حضرت پيرسائين**

**سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره**

مواهب اللدنيہ وارو، تاريخ نيشاپوري کان نقل ڪري ٿو تہ (حضور سرور ڪائنات، مفخر موجودات ﷺ جن جي ) ”مهر نبوت“ گوشت مان گوليءَ جهڙي هئي، جنهن تي گوشت سان ”محمد رسول الله“ لکيل هو.

حڪيم ترمذي (امام حافظ محمد بن علي) جي ڪتاب ’نوادر الاصول‘ کان نثر شمائل، شرح شمائل ڪتاب واري لکيو آهي تہ مهر نبوت جي شڪل ڪبوتر جي آني جهڙي هئي. جنهن جي اندروني پاسي کان ”وحده لاشريڪ لہ“ ۽ ان جي ظاهر واري پاسي کان ”توجہ حيث ڪنت فانڪ منصور“ لکيل هو. يعني جيڏانهن بہ توهان متوجھ ٿيندا، اوهان کي اي نبي صلي الله عليڪ وسلم! نصرت (مدد) ڏني وئي آهي.

فتح الباري ۾ (علامہ ابن حجر عسقلاني) فرمايو آهي تہ مهر نبوت تي ”محمد رسول الله“ يا ”سر فانڪ منصور“ وغيره (يعني اوهان اي نبي گهمو ڦرو، اوهان کي مدد ڏنل آهي) لکيل هو. سي سڀ شيون صحيح سند سان ثابت ٿيل نہ آهن. ابن حبان (پنهنجي ڪتاب صحيح ۾ ) انهن شين کي صحيح چئي غفلت ڪئي آهي.

۽ (حافظ نورالدين ابوالحسن علي بن ابي بڪر بن سليمان) الهيتمي پنهنجي ڪتاب ’موارد الظمان لي زوائد ابن حبان‘ ۾ فرمايو تہ مهر نبوت (جنهن تي محمد رسول الله لکيل هو) جي باري ۾ بعض راوين کي غلطيءَ سببان هي مغالطو ٿيو آهي جو انهن مهر نبوت کي، ان مهرمبارڪ سان، جنهن سان پاڻ ڪريم ﷺ جن خطن تي مهر هڻندا هئا، ملائي هڪ سمجهيو آهي اهڙي طرح ابن حجر جي ڪتاب اشرف الوسائل شرح شمائل ۾ آهي.

# شان سرور ڪائنات ﷺ

**ارشادات: حضرت پيرسائين تجر ڏٽي رضي الله عنه**

حضرت سرور ڪائنات ﷺ کان جيڪو ”انا احمد بلاميم“ جو لفظ صادر ٿيو، انهيءَ جو مثال انهيءَ پاڪ صاف داڻي وانگر سمجهڻ گهرجي جيڪو سموري اناج ۾ نڪريل، حجاب ۽ نقص وغيره کان قطعي سلامت آهي، انهيءَ مان مقصد حقيقت آهي. حضرت سرور ڪائنات ﷺ ”انا احمد“ چئي نبوت جي ڇٽ سان سرفرازي ۽ سربلندي جو اعلان ڪيو.

✵✵✵

حضرت سرور ڪائنات عليہ و عليٰ آلہ افضل الصلوات واڪمل التحيات جي ذات جامع الصفات ۾ چار شيون هيون. شريعت، حڪومت، حقيقت ۽ فتوحات. سندن ذات اقدس کان پوءِ اهي چار صفتون گهڻو ڪري متفرق رهيو،ڪنهن هڪ وجود ۾ ڪڏهن گڏ نہ ٿيون يا انهن جي ظهور جي جهلڪ نہ ٿي.

✵✵✵

حضرت سرور ڪائنات عليہ وعليٰ آلہ افضل الصلوات واڪمل التحيات جو خاڪي وجود ڪعبة الله شريف جي مٽي کان وجود ۾ آيو آهي انهيءَ جي ڪري تعظيم خاطر انهيءَ طرف سجدو ڪيائون. ( اجان انهيءَ ۾ هڪڙو اعتراض باقي آهي اهو هي تہ مٽي جنهن جاءِ تان کنئي وئي وري ساڳي جاءِ تي رکي ويندي آهي ۽ نبي اڪرم ﷺ جو خاڪي وجود مدينہ طيبہ ۾ رکيو ويو. انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ اصل مدينہ معظمہ آهي). پر دراصل سرور عالم ﷺ جي خاڪي وجود جي اصل جاءِ ڪعبة الله شريف ئي آهي، طوفان نوح جي وقت اها مٽي مدينہ معظمہ کڻي وئي ۽ ملائڪ بہ اتان کنئي.

✵✵✵

حضور سرورِ ڪائنات فخرِ موجودات ﷺ جن توڪل جي ڪوشش بابت نصيحت ٿي فرمائي. ڪن صحابي سڳورن عرض ڪيو تہ قبلا!

اسان جو تہ ارادو آهي جيڪر پنهنجن ۽ پراون کان واسطو ٽوڙي وڃي ڪو جبل وسايون، طبعي ۽ نفساني خواهشن، کائڻ پيئڻ ۽ عيش کان مڪمل پاسو ڪريون. سرورِ ڪائنات ﷺ جن فرمايو تہ اسان برهمڻن (رهبانية) جي انهيءَ دين کان بيزار آهيون باوجود هن جي تہ مان ختم الرسل (آخري رسول) آهيان، نڪاح ڪيو اٿم، ازواج مطهرات (بيبين) سان صحبت (ميل جول) بہ ڪندو آهيان. ڪڏهن پرهيز بہ، کائڻ پيئڻ آسانيءَ سان جيڪو ڏٽي ڏئي ڪندو آهيان. ڪڏهن فارغ بہ. بعد ۾ فرمايائون:

"لَا رَهْبَانِيَّةَ فِي الْإِسْلَامِ"

اسلام ۾ برهمنپڻ جي گنجائش نہ آهي.

❋ ❋ ❋

(ناري جي علائقي ۾ ڪنهن شخص، پاڻ وٽ حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي "وارمبارڪ" هئڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ ماڻهن کي ان جي زيارت ڪرائيندو هو. حضرت جن کي خبر پئي تہ پاڻ فرمايو تہ پاڻ وٽ "تار" ان کي سرور ڪائنات ﷺ جي زلف مبارڪ سان منسوب ڪيو اٿس، ان ڪري ان شخص کي پاڻ وٽ سزا طور قيد ڪيائون. اتان جي قاضي صاحب اچي سفارش ڪئي تہ حضرتا! هاڻ هن غير شرعي ڪم کان توبہ ڪئي، اڳتي لاءِ اهڙي بي ادبي ۽ حرڪت نہ ڪندو، مٿس رحم فرمايو. تنهن تي پاڻ فرمايو)

منهنجي تہ خطا ڪانہ ڪئي اٿس، جو مان ڪيس معاف ڪريان، الله پاڪ جي حق جي نافرماني بہ نہ ڪئي اٿس، جو سندس گناهہ جي معافي وٺجي. بلڪ هن شخص نبي اڪرم ﷺ جن جي ذاتِ اقدس جي گستاخي ۽ بي ادبي ڪئي آهي. تنهن ڪري هن کي بهر صورت تعزير ملندو، سزا کان سواءِ نہ ڇٽندو. جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي:

محمد بَخشد خطا هاىِ خَطا را
وَلی حَق نَبخشد خَطاىِ محمد

# امت تي شفقت ۽ مهرباني

استاد العلماءِ مفتي محمد صاحبداد خان جمالي

حضرت سرورِ ڪائنات ، مفخر موجودات ﷺ جن گهڻي شفقت ۽ رحمت کان گهڻو وقت پنهنجي گنهگار امت لاءِ خدا تعاليٰ کان معافي ۽ بخشش گهرندا هيا هت صرف تبرڪ لاءِ ٻه ٽي واقعا پيش ڪجن ٿا:

حضور انور صلي الله تعاليٰ عليہ و عليٰ آلہ وصحبہ وبارڪ وسلم جو امت تي رؤف ۽ رحيم نهايت مهربان هجڻ جي خدائي شهادت هن مقدس آيت ۾ آهي:

لَقَدْ جَاءَكُمْ رَسُولٌ مِنْ أَنْفُسِكُمْ عَزِيزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِينَ رَءُوفٌ رَحِيمٌ (سوره توبہ :١٢٨)

يعني: توهان ڏي توهان مان هڪ رسول آيو. جو ان کي اوهان جي تڪليف نهايت سخت ۽ ناگوار لڳندي آهي توهان جي ڀلائي لاءِ حرص ڪندڙ ۽ ... ايمان وارن تي نهايت نرم ۽ گهڻو مهربان آهي.

(١) حضرت ابوذر رضي الله عنه جهڙي مشهور صحابي ۽ زاهد کان روايت آهي تہ آنحضرت ﷺ هڪ رات صبح تائين جذبات الٰهيہ جي محويت ۽ محبت ۾ بار بار امت لاءِ هي دعائيہ آيت پڙهندا رهيا. (جا حضرت عيسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پڙهي هئي)

إِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَإِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَإِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ (سوره مائده :١١٨)

اي مولا پاڪ! جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڏئين تہ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽جيڪڏهن بخشين تہ تون غالب ۽ حڪمت وارو آهي. (ابن ماجہ ، باب ما جاء في قراة صلواة الليل مطبوعہ مجتبائي صفحو ٩٧)

ز رحمت چہ فیّاض سرکار داری
نگہ کن کہ اُمّت گنہگار داری
بہر موی کاکل اسیرانِ اُمّت
بہر پیچ، صدہا گرفتار داری

بیک عُشوہ چشم خود، یا محمد ﷺ

دو عالم، ہمہ مست و خمار داری

يعني رحمت ۾ اوهان جي سخاوت ۽ فياضي جو ڪوبہ حساب ناهي، اي سرڪار ﷺ! ڏسو تہ اوهان وٽ اهڙي اُمت آهي جيڪا گناهن ۾ لتاڙيل آهي. اوهان جي ڪاڪُل جي هر هڪ وار سان اُمت جا قيدي جڪڙيل آهن، ۽ هر لوچ ۽ پيچ ۾ سئنن ماڻهو گرفتار آهن. اي محمد ﷺ، اوهان پنهنجي اک جي هڪ ئي اشارو يا عشوه سان ٻنهي جهانن جي ماڻهن کي مست ۽ مدهوش ڪري ڇڏيو ٿا.

(٢) حضرت ابي بن ڪعب انصاري خزرجي رضي الله عنه (جو ڪاتب الوحي، سيد القراءِ ۽ سيد الانصار، آنحضرت ﷺ جي وقت جو حافظ القرآن ۽ مفتي هو) کان منقول آهي تہ آنحضرت ﷺ کي حق تعاليٰ فرمايو تہ هر ڀيري جيڪو سوال ڪندين قبول فرمائيندس. حضور انور عليه الصلواة والسلام عرض ڪيو:

اللَّهُمَّ اغفِرْ لأمَّتي، اللَّهُمَّ اغفِرْ لأمَّتي، وأخَّرتُ الثالثةَ ليومٍ يرغَبُ إليكَ الخلقُ كلُّهم، حتى إبراهيمُ عليه السلام.

( رواه مسلم ، مشڪوات باب فضائل القرآن في اختلاف القراة صفحو ١٩٢) يعني اي مولا تعالي منهنجي امت کي بخش، اي مولا تعاليٰ منهنجي امت کي بخش ٽين ڀيري جي دعا اهڙي ڏينهن لاءِ بچائي جنهن ڏينهن تمام مخلوقات مون ڏي محتاج هوندي تا جو حضرت ابراهيم عليہ السلام.

وہ جہنّم میں گیا جو ان سے مستغنی ہوا

ہے خلیلُ اللہ کو حاجت رسولُ اللہ کی

(٣) اهڙي طرح حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه ( جو ثالث الاسلام ۽ عشره مبشره مشهور مستجاب الدعا صحابي آهي، جنهن لاءِ آنحضرت ﷺ فرمايو ارم فداک ابي و امي) کان مروي آهي تہ اسين آنحضرت ﷺ جي خدمت اقدس ۾ مڪہ معظمہ کان مدينہ منوره ڏي نڪتاسين، جڏهن منزل غزورا جي ويجهو پهتاسين تہ آنحضرت ﷺ منزل انداز ٿيا ۽ دعا لاءِ هٿ بلند ڪيائون پوءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرندي سجدي ۾ ويا ۽ گهڻي دير ڪيائون، پوءِ اٿيا ۽ هڪ ساعت هٿ مٿي ڪيائون وري سجدي ۾ ويا ۽ گهڻي دير فرمايائون وري اٿي

ٻيڻا وري هڪ ساعت هٿ مٿي ڪيائون وري سجدي ۾ ويا. فرمايائون ته مون پنهنجي رب کان (ٽي دفعا) سوال ڪيو ۽ پنهنجي امت جي شفاعت (سفارش) ڪيم جو حق تعاليٰ امت جو ٽيون حصو بخشيو پوءِ شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي رب کي سجدو ڪيم، پوءِ مٿو مٿي ڪٽي وري پنهنجي رب کان امت لاءِ سوال ڪيم وري ٽيون حصو امت جو خداتعاليٰ مون کي بخشيو وري شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي رب کي سجدو ڪيم. صلي الله تعاليٰ عليه وسلم وبارڪ عليه و عليٰ آله و اصحابه واتباعه قدر جوده و نواله و نعه وافضاله. (رواه احمد و ابو دائود مشڪواة باب في سجود الشڪر صفحو ١٣١)

يَا رَبِّ صَلِّ وَسَلِّمْ دَائِمًا أَبَدًا عَلَى حَبِيبِكَ خَيْرِ الْخَلْقِ كُلِّهِمْ

نماند بعصیان کسی در گرو

که دارد چنین سید پیش رو

تجھ سے اور جنت سے کیا نسبت ہے، منکر! دور ہو

ہم رسول اللہ کے، جنت رسول اللہ کی

(٤) حضرت عبدالله بن عمروالعاص سهمي قرشي رضي الله تعاليٰ عنهما فرمايو ته آنحضرت ﷺ، حضرت ابراهيم جي قرآني دعا تلاوت فرمائي:

رَبِّ إِنَّهُنَّ أَضْلَلْنَ كَثِيرًا مِّنَ النَّاسِ ۖ فَمَن تَبِعَنِي فَإِنَّهُ مِنِّي (سوره ابراهيم :٣٦)

يعني اي منهنجا پروردگار! انهن بتن گهڻن ماڻهن کي گمراه ڪيو آهي پوءِ انهن مان جن منهنجي تابعداري ڪئي منهنجي جماعت مان آهن ۽ ان کان پوءِ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي منقول قرآني دعا تلاوت ڪئي:

إِن تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۖ وَإِن تَغْفِرْ لَهُمْ فَإِنَّكَ أَنتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ (سوره مائده :١١٨)

يعني جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڏئين ته اهي تنهنجا ٻندا آهن ۽جيڪڏهن بخشين ته تون غالب ۽ دانا آهين.

تنهن کان پوءِ حضور انور عليه الصلواة والسلم اللهم امتي امتي چئي رُنا پوءِ حق تعاليٰ جبرائيل عليه السلام کي فرمايو ته اگرچه تنهنجي رب کي علم آهي تنهن هوندي تون محمد ڪريم ﷺ ڏي وڃ ۽ پڇيس ته ڪهڙي شيءِ توکي روئارو آهي. پوءِ حضرت جبرئيل عليه السلام آيو ۽ ڪائنن پڇيائين ۽ حضور جن ﷺ ڪيس سموري خبر ڪئي پوءِ حق تعاليٰ جبرائيل عليه السلام

کي فرمايو تہ تون محمد کريم ﷺ ڏي موٽي وڃ ۽ چئو تہ مان توکي تنهنجي امت جي باري ۾ راضي ڪندس ۽ توکي غمگين نہ ڪندس. (رواه مسلم ص ١١٣ باب دعاءِ النبي عليہ السلام لامتہ و بکائہ شفقة عليهم ، مشکواة باب الحوض والشفاعة ص ٤٨٩) مرقاة شرح مشکواة ۾ شرح امام نووي کان نقل ٿيل آهي تہ هن حديث مان گهڻا فائدا معلوم ٿيا:

١. امت لاءِ آنحضرت ﷺ جي ڪمال شفقت ۽ ان جي بخشش لاءِ نهايت ڪوشش ڪرڻ.

٢. امت لاءِ هي حديث عظيم خوشخبري آھ جو حق تعاليٰ وعدو فرمايو تہ امت جي باري ۾ توکي راضي رکندس ۽ غمگين نہ ڪندس ۽ امت لاءِ وڏي اميد افزا حديث آهي.

سید و سرور محمد ﷺ نورِ جان
مہتر و بہتر و شفیعِ مجرمان

٣. حضور انور عليه الصلواة والسلام جو حق تعاليٰ وٽ عظيم المنزلة هجڻ ۽ جبرئيل کي خاص هن موقعي تي موڪلڻ حضور جن جو ڪمال شريف ۽ تعظيم جو اظهار آهي.

٤. حضرت عبدالله ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما جو بيان آهي: تہ آنحضرت ﷺ جي زماني مبارڪ ۾ سج گرهڻ ٿيو ۽ رسول الله ﷺ بہ رڪعتون نماز پڙهي، جنهن جو قيام، رڪوع،قومہ ، سجده ۽ جلسہ تمام ڊگها ڪيا ۽ آخر نماز ۾ ٿڌا ساھ ڪڍڻ لڳا ۽ فرمائڻ لڳا تہ اي منهنجا پرودرگار! ڇا تو وعدو نہ فرمايو آهي تہ منهنجي هوندي ماڻهن تي عذاب نازل نہ ڪندس؟ (وعدي واري آيت هيءَ آهي وَمَا كَانَ ٱللَّهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَأَنتَ فِيهِمْ) رسول الله ﷺ نماز کان فارغ ٿيا تہ سج صفا ٿي ويو. (ابو داؤد ج ١ ص ١٦٩، ڪتاب الڪسوف باب من قال يرکع رڪعتين)

(ماخوذ: ڪتاب "اخلاق النبي ﷺ" تاليف: مفتي اعظم مفتي محمد صاحبداد خان جمالي رحمۃ اللہ علیہ)

**بشڪريہ: قمرالدين عطاري، سلطان ڪوٽ**

# صاحبِ خلقِ عظيم ﷺ

علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري

اسان مسلمان اخلاق ۽ ڪردار جي جنهن پستي ۽ ذلت جا شڪار آهيون، بدقسمتي اها آهي جوانهيءَ ذلت ۽ مرض بلڪ خطرناڪ مرض کي مرض سمجهڻ تائين جو احساس بہ وڃائي ويٺا آهيون.انهيءَ پستي ۽ ذلت ۽ موذي مرض جو شافي علاج قرآن ڪريم ۽ قرآن عظيم جوتفسير صاحبِ خلقِ عظيم جي ذاتِ اقدس ۽ سندن سيرتِ طيبہ آهي.اسان پنهنجي ڪردار جي تنزل ۽ انحاط جو علاج، صاحبِ خلقِ عظيم جي ذڪرِ خير ۽ بار بار ذڪرِ خيرسان ۽ ساڻن محبت سان ڪري سگهون ٿا. اسان جي هرمرض جي دوا، رسول الله ﷺ جي ذاتِ اقدس سان وابستگي ۽ سندن اسوه حسنہ آهي ۽ بس.

*بمصطفی برسان خویش را کہ دین ہمہ اوست*
*اگر باُو نہ رسیدی تمام بولہبی است*

قرآن عظيم اوّل کان آخر تائين رسول الله ﷺ جي سراپا جو بيان، محافظ، امين ۽ تفصيل آهي.رسول الله ﷺ جي سراپا جي تفصيل کي هڪڙي مختصر جملي ۾ ممتاز۽ هڪ بيمثال قطري ۾ بند ڪرڻ ڪلام الله جوئي اعجاز آهي.

فانّ فضل رسول الله ليس له
حد فيعرب عنه ناطق بفم

قرآن عظيم فرمايو: وانّک لعلیٰ خلُق عظيم ( يعني اسان ڪردار۽ اخلاق جي عظمت ۽ رفعت ۾ توکي نهايت بلند مقام تي فائز فرمايو.)

الله تعالیٰ جي اخلاقِ ڪريمہ جو بهترين مظهر۽ نمونو سندن ذاتِ گرامي رضاءِ الٰهي جوحسين پيڪر سندن ذات والاصفات، حضرت آدم کان

حضرت عيسيٰ عليهم السلام تائين سمورن نبين جي فضائل، شمائل ۽ اخلاق ۽ حسن جو بهترين مجموعو ۽ ڪامل ترين نمونو سندن ذات والاصفات.

عظيم صوفيءَ مفسر علامہ قشيري رقمطراز آهي:

’الله تعاليٰ پهريائين پنهنجي اولوالعزم پيارن نبين ۽ رسولن جون خوبيون بيان فرمايون آخر ۾ رسولِ اڪرم ﷺ کي انهن سمورن جوخلاصوءِ ڪامل نمونو بنايو. ٻين نبين کي مختلف ڪمال ۽ عظمتون عطا ٿيون، انهن جو مجموعو رسول الله ﷺ کي عطا ٿيو‘.

حسنِ يوسف، دمِ عيسيٰ يد بيضا داري
آنچہ خوبان همہ دارند تو تنها داري

حضرت قشيري ئي رقمطراز آهي:

’رسول الله ﷺ جن کي زمين جي خزانن جون ڪنجيون آڇيون ويون، پر پاڻ انهن ۾ ڪابہ دلچسپي ظاهر نہ فرمائي.جنت ۽ مملڪتِ خداداد جو ڪين مشاهدو ڪرايو ويو تہ سندن نظر انهن کي اهميت ڏيڻ جي بجاءِ ذاتِ باري ۾ مشغول رهي‘.

مَازَاغَ الْبَصَرُ وَمَاطَغٰى(سوره النجم :17)

انعام ۽ ابتلا جو موقعو هجي يا بخشش ۽ عطا جو لمحو، سندن ذات فقط ذاتِ الٰهي ۾مشغول رهي. انهيءَ عظمت جي پيشِ نظر ڪريم ربّ ڪين ”اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيمٍ“جي لافاني ۽ ابدي تاج سان سرفرازبنايو.

سبحان الله! طائف جوهانءُ ڏاريندڙ منظر هجي يا احد جو خوفناڪ لمحو، رسول الله ﷺ جي خلقِ عظيم جي عظمت ۽ رحمت جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ نکرندي جاذب نظرملي ٿي.سندن مٿي ۾ زخم رسيا سندن اڳيان جا چار ڏند مبارڪ شهيد ٿيا، سندن جانثار صحابي ڪافي شهيد ٿيا پر مخالفن جي تباهي ۽ بربادي جي بددعا جي بجاءِ سندن زبان اقدس تي بي اختيار دعا جالفظ هئا:

منهنجا مولا! منهنجي قوم کي هدايت سان سرفرازفرماءِ، انهن کي حق جوعلم ڪونهي. ڇا اهڙي موقعيءَ منظرتي مخالفن جي واسطي اهڙي

پرخلوص ۽ ٻاجھ ڀري روايت ڪنهن ٻي جاءِ تي ٻڌڻ ۾ آئي؟ نہ، نہ!بخدا نہ. هائو جن سنگدلن پورا ويهہ سال هر ظلم، زيادتي، شقاوت قلبي جو بدترين مظاهرو ڪيو پرجڏهن ڪائنن ڀرپور انتقام وٺڻ جوموقعوممڪن ٿيو تہ انتقام جي بجاءِ ، معاف فرمائڻ جو تاريخ سازاعلان ٿيو.

اذهبو انتم الطلقاء (وڃوتوهان سمورا آزاد آهيو)

بيشڪ دنيا ۾ درگذر ڪرڻ ۽ معاف ڪرڻ جون لکين روايتون قائم آهن، پر اهي روايتون معافيءَ جي هن عظيم الشان جي وسيع روايت جي آڏو هڪڙو ذرو ئي شمارٿي سگهنديون.قرآن پاڪ جي اولين مخاطب رسول الله ﷺ جي ذات آهي. رسولِ اڪرم ﷺ جي توسط سان سموري انسانيت. پاڻ ڪريمن ﷺ کي حڪم ٿيو:

خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجَاهِلِينَ (سوره الاعراف :١٩٩)

يعني اي محبوب تون معافي ۽ درگذر جي طبيعت مبارڪ رک، معروف ۽ نيڪيءَجوحڪم ڏيڻ ۽ جاهلن جي جهالت کي ڪن نہ ڏي، نہ وري نهار.

سيرتِ طيبہ جومطالعو اسان کي وک وک تي، لمحي لمحي تي اهو ئي تاثر ڏئي ٿو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن معافي، درگذر۽ خير جي سرپرستي جا اهي لازوال نقوش ۽ نمونا قائم فرمايا، جوڪريم ربّ انهن کي عظيم الشان فرمايو: اِنّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظيم انهيءَطرح پڻ اشاروآهي.

حقيقت اها آهي تہ 'خلق عظيم' جي مفهوم ۾ايتري تہ وسعت آهي جو انهيءَ جو احاطو نہ سيرت نگار ڪري سگهيا نہ وري محدث ۽ مفسر. هائو انهيءَ جي عظمت ۽ وسعت جو احاطو فقط ڪلامِ الٰهي کان ممڪن ٿيو.

انهيءَ ڪري امُ المؤمنين عائشہ صديقہ رضي الله تعالىٰ عنها کان جڏهن بہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي اخلاقِ ڪريمہ جي عظمت جي باري ۾ سوال ٿيو. هائو! اڪثرصحابي تابعي امڙ عائشہ وٽ رسول الله ﷺ جو خلقِ عظيم معلوم ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا. سائڻ جو ڪافي ۽ شافي مختصر جواب هڪڙو ئي هوندو هو: اَلَست تَقرءُ القرآن کان خلقہ القرآن. يعني ڇاتون قرآن ڪريم جي تلاوت جو معمول نہ رکندو آهين، قرآن

ڪريم ئي تہ سندن اخلاق آهي.

ڀين لفظن ۾ سانئڻ اهو واضح ٿي فرمايو تہ رسول الله ﷺ جي قريب رهڻ جو شرف وڏ ۾ وڏ مون کي حاصل آهي، انهيءَ انتهائي تقرب جي باوجود منهنجا لفظ سندن اخلاقِ ڪريمہ جي عظمت جي احاطي کان قاصرآهن. بلاشبہ عظيم رب پنهنجي حبيب جي اخلاق کي ’عظيم‘ فرمائي رهيو هجي. سو بہ نهايت تحقيق تاڪيد ۽ يقين سان سندن خلق جي عظمت بيان ڪرڻ جواهتمام فرمايو.انهيءَ کان پوءِ ٻئي ڪنهن کان ممڪن بہ ڪونهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي اخلاقِ ڪريمہ جي ڪمال رفعت، عظمت ۽ وسعت جي تفصيل ۾ وڃي سگهي.

هائو! رسول الله جي خلقِ عظيم جي تفصيل لاءِوري بہ ڪلامِ الٰهي ڏانهن رجوع ڪرڻ ضروري آهي.الحمد کان والناس تائين قرآن ڪريم سندن عظيم ڪردار، سيرت ۽ صورت، فڪر و غِنيٰ، رضا بالقضا، جود و سخا، فيض وڪرم، عبادت ۽ معاشرت، صبر ۽ شڪر، صيام ۽ قيام، شفقت ۽ ٻاجھہ، سفر ۽ حضر، امن ۽ جنگ، عدل ۽ حسنِ سلوڪ جو حسين و جميل تفصيل آهي. قرآنِ ڪريم ئي ڪين حامد و محمود، رؤف رحيم، صراطِ مستقيم، نور ۽ برهان مبين، احمد ۽ محمد جي اسماءِ مقدسہ ۽ صفاتِ عظيمہ سان ياد ڪيو.

رسول الله جي جمال جي جمال وڪمال ۽ خلقِ عظيم جي فهم جي واسطي قرآن ڪريم جي پابنديءَ سان تلاوت ۽ فهم جي ضرورت آهي.

اهڙيءَ طرح قرآن ڪريم مان فيضياب ٿيڻ جي واسطي رسول الله ﷺ جي سنتِ طيّبہ کي سامهون رکڻ ضروري آهي.ڪلامِ الٰهي ۽ رسول الله ﷺ ٻئي هڪ ٻئي جي واسطي لازم ۽ملزوم آهن.ٻئي هڪ ٻئي جي عظمتن جا امين ۽تفسيرآهن.ٻنهي ۾ ڪنهن بہ قسم جي تفريق ناممڪن ۽ محال آهي. قرآن پاڪ جي حفاظت جو ذمو رب العالمين پنهنجي ذمي رکيو.رحمة للعالمين جي خلقِ عظيم کي منجهند جي سج کان وڌيڪ تابناڪ رکڻ جوذمو قرآن ڪريم ڪنيو.

مولانا جامي رحمة الله عليہ جي ذوق کي داد ڏجي:

محمد! از تومي خواهم خدا را
خدايا از تو مي خواهم محمد

نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي خلقِ عظيم جي تشريح ڪندي فرمايو تہ، ادبني ربي فاحسن تاديبني يعني منهنجي رب مون کي مڪارم اخلاق جي تربيت ڏنيءَ نهايت سهڻي تربيت ڏني.

سندن اخلاقِ ڪريمہ کي قيامت تائين انسانيت جي لاءِ حسين ۽ ڪامل نمونو بڻائڻ مقصود هو ۽ آهي تنهنڪري سندن ڪردار کي هردورۡ زماني جي لاءِ بغير ڪنهن فرق جي بهترکان بهتر، وڌ کان وڌ حسين ۽ جميل رکڻ جا هزار اهتمام لازم هئا ۽ اهي اهتمام انهيءَ قسم سان ربط ۾آندا ويا جو قيامت تائين انهن جي بقا، حفاظت بلڪہ تفصيل لاءِ انتظام ڪياويا.

حيرت جي ڳالھ آهي جو زماني جو امتداد، وقت جا بيرحم حادثا، سيرتِ طيبہ جي ڪيترن مصدرن کي ڪي صديون نظرن کان اوجهل رکڻ جي باوجود انهن کي لڪائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا.

ابنِ اسحاق جي سيرتِ مغازي جا ورق با لواسطہ تہ ڪٿي نہ ڪٿي موجود هئا، پر براهِ راست سيرتِ ابنِ اسحاق صدين کان عالمن جي آڏو ڪانہ هئي.صدين کان پوءِ چوڏهين صديءَ ۾ ڊاڪٽر حميدالله انهيءَ جو واحد نسخو ڪٿان هٿ ڪيو.انهيءَ جي تحقيق ۽ تنقيح ڪانپوءِ دنيا جي اڳيان پيش ڪيو.

التمهيد لابنِ عبدالبر (چوٿين صديءَ جو عظيم حافظ ۽ محدث) صدين کان پوءِ ٢٢جلدن ۾ طبع ٿيو. دنياءِ اسلام ۾انهيءَ جا چار مختلف قلمي نسخا موجود هئا، جن مان هڪڙوڪامل ۽ معتمد عليہ نسخواستنبول ۾ موجود هو.شاھ حسن ثاني مغربي جي سعادت جنهن ڪروڙين ڊالر خرچ ڪري حديث ۽ سيرتِ طيّبہ جي انهيءَ عظيم ذخيري کي دنياءِ اسلام ۾ پيش ڪيو.(التمهيد جلد١)

بلاشڪ عالمِ اسلام نااهل حاڪمن جي ڪري هزارين مصيبتن جو شڪار آهي. هرطرف اسلام دشمن قوتون ڪم ڪندي نظر اچن ٿيون. مگر ڪجھ مرئي ۽ غير مرئي قوتون قرآن، حديث، سيرت، ۽ سنتِ طيبہ

جي خدمت جي سعادت ۾ مصروف ڪار پڻ رهيون آهن، اهي قوتون فطرت جي عين مطابق مصروف ڪار رهنديون.

محقق مصطفیٰ علوي محمد عبدالڪبير البڪريٰ بجا طور لکيو آهي، فمن منن الله علينا وسابغ نعمہ ان مهد لنا السبيل لخدمة السنة المطهرة باعداد ڪتاب من اجل ڪتب فقہ السنة. (ڪتاب التمهيد، تاليف الامام الحافظ الحجة يوسف بن عبدالله عبدالبر)

يعني الله تعاليٰ جو عظيم احسان ۽ ڪامل انعام آهي جنهن اسان جي واسطي سنتِ مطهره جي خدمت جو رستو هموارفرمايو سنت ۽ فقہ سنت جو جليل القدر ڪتاب تحقيق ۽ تنفيح سان تيار ڪري عالمِ اسلام وٽ پيش ڪرڻ جو شرف بخشيو.

رسول الله ﷺ صاحبِ خلق عظيم جا اهڙا معجزا وقتا فوقتا ايماني قوتن جي استحڪام جي لاءِ ظاهرٿيندا رهندا.رسول الله ﷺ جن فرمايو: الله تعاليٰ مونکي هن عظيم حڪمت ۽ مصلحت سان موڪليو جيئن مان اخلاقِ ڪريمہ جي تڪميل ڪيان.رسول الله ﷺ جي خلقِ عظيم ڪي سندن جليل القدر صحابين پنهنجن پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪيو.

حصرت انس رضي الله عنه سفر۽ حضر ۾ڏهه سال سندن خدمت ۾ رهيو. فرمائي ٿو تہ مونکي انهيءَ سموري عرصي ۾ معمولي جهڻڪ بہ نہ فرمايائون.پاڻ سيرت ۽ صورت ۾ ڪامل درجي جا انتهائي حسين و جميل هئا.رسول الله ﷺ جن جي هٿ جون تريون ايتري قدرنرم هيون جو ريشم۽ پٽ بہ نرم نہ هو.رسول الله جو پسينو مشڪ، ۽ هرقسم جي عطر کان وڌيڪ خوشبودار هو.

پاڻ ڪريمن ڪنهن بہ عورت خواه مرد يا خادم تائين ڪي پنهنجي هٿ سان ڏک نہ هنيو.الله تعاليٰ جي راهہ ۾ جهاد جو موقعو البتہ انهيءَ کان مستثنيٰ هو.نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪنهن بہ هڪ شيءِ جو اختيار مليو تہ سندن عادت ڪريمہ سهوليت پسند ڪندي هئي يعني جيڪو ڪم آسان هوندو هو اهو پسند فرمائيندا هئا، پر ڪو پاسو گناهہ جو هوندو هوتہ انهيءَ کان پري رڪندا هئا.

نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي ذات اقدس جي لاءِ ڪڏهن به انتقام وٺڻ پسند نہ فرمايو. البتہ الله تعالىٰ جي حدود ۽ محرمات جي بي حرمتي ٿي تہ انهيءَ ۾ فقط الله تعالىٰ جي رضا جي واسطي بدلو لازمي وٺندا هئا.

الله تعالىٰ جي احڪام ۽ قوانين جي تعليم ۾ ڪنهن بہ رعايت ۽ سفارش ڪي پسند نہ فرمائيندا هئا.اسامہ بن زيد بيحد پيارو هو، مگر پاڻ ڪريمن سفارش ۽ احڪام الٰهي جي خلاف سفارش نہ ٻڌي، پهريائين تہ سفارش جي همت ڪنهن ڪي ٿي ڪانہ، پر جي سندن پوري حياتِ طيبہ ۾ سفارش آئي تہ هڪڙو يا ٻہ پيرا، جنهن ۾سندن ردِعمل انتهائي سخت ۽ اهڙو هو جو آئنده سفارش جو تصور بہ ختم ٿي ويو.

خلقِ عظيم جو دائرو تمام وسيع آهي.يقين ڄاڻو انسانيت جي فلاح ۽ بهتري جي ضمانت رسول اڪرم ﷺ جي اخلاقِ ڪريمہ اختيار ڪرڻ ۾آهي. عبادت ۾، معاملي ۾، خانگي زندگيءَ ۾، دوستي، معاشرتي هر سطح تي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو حسين و جميل پاڪ ۽ عميم خلق اسان جي رهنمائي، سرفرازي ۽ سربلندي لاءِ موجود آهي.

جيڪڏهن اسان پنهنجا، پنهنجي اهل وعيال، پنهنجي وطن ۽ عزت جا دشمن نہ آهيون، يقينن هجڻ بہ نہ گهرجون تہ پوءِ اچوعهد ۽ اقرار ڪريون.عهد ۽ اقرار جي تعميل پنهنجي ذات ۽ پنهنجي گهرڪان ڪريون تہ اسان عبادت رسول الله جي خلقِ عظيم موجب ڪنداسين.عبادت ڪان نفرت ۽ بي تعلقي واري ڪافرانہ انداز تي لعنت ڪنداسين. معاشرت ۽ معاملات ۾ هرسطح تي اهو ڪجھ ڪنداسين جنهن جي خلقِ عظيم جي مالڪ رسول الله ﷺ جن تعليم ڏني.سفارش۽ غلط سفارش، صلاحيت ۽ امانت، حق ۽ قانون جي خلاف هرقسم جي سفارش بلڪ معاشرتي ڪينسرڪي پنهنجي زندگيءَ مان ڪڍي رهنداسين. هرسطح، لياقت، امانت ۽ تقوىٰ ڪي معيار مقرر ڪنداسين. شفاعت حسنہ (جائز سفارش) خير جي سرپرستيءَ ۾ نہ فقط ڪوحرج ڪونهي بلڪ اهو تہ هرطرح جو فرض بہ آهي.خير۽ معروف جي هر جاءِ تي پذيرائي، حيا ۽ شرم سخا ۽ ڪرم،ادب ۽ احترام جي زرين عادتن ڪي اختيارڪرڻ ۾ گوءِ ڪٽڻ جي ڪوشش ۽ بيحيائي ۽ برائي جي هرممڪنہ حدتائين مخالفت ڪنداسين.

# محنت جي روزي سيرت جي روشنيءَ ۾

## پروفيسر ڊاڪٽر غلام عباس قادري

انساني زندگي لاءِ معيشت ضروري آهي يعني زندگيءَ ۾ جيڪي بہ گهرجون ضرورتون سامهون اچن ٿيون انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ لازمي آهي. جيڪڏهن ڪو شخص محنت نٿو ڪري اهو پين جو محتاج ٿي پئي ٿو تہ جيستائين ڪٿان ڪو هديو، نذرانو، وياج، رشوت يا اٽڪل سٽڪل سان رپيو پئسو نٿو اچي تہ پوءِ پين تي پاڙي پنهنجي حياتي کي ويچارو بڻائي ٿو مٿين حوالي سان قرآن ڪريم ۾ رباني ارشاد آهي تہ:

وَأَنْ لَيْسَ لِلْإِنْسَانِ إِلَّا مَا سَعَىٰ (٣٩) وَأَنَّ سَعْيَهُ سَوْفَ يُرَىٰ (٤٠) (سوره النجم :٣٩،٤٠)

ترجمو: انسان کي سندس ڪوشش جو نتيجو ملندو ان جي ڪوشش جو قدر ڪيو ويندو يعني قدردانيءَ سان ڏٺو ويندو.

اسان جي پيغمبر ﷺ جو فرمان آهي :

مَا أَكَلَ أَحَدٌ طَعَامًا قَطُّ خَيْرًا مِنْ أَنْ يَأْكُلَ مِنْ عَمَلِ يَدِهِ، وَإِنَّ نَبِيَّ اللَّهِ دَاوُدَ عَلَيْهِ السَّلَامُ كَانَ يَأْكُلُ مِنْ عَمَلِ يَدِهِ

يعني: توهان مان ڪو بہ شخص جيڪو کاڌو هٿ سان ڪمائي کائي ٿو ان کان بهتر ڪو بہ طعام نہ آهي. حضرت داؤد عليہ السلام هٿ جي ڪمائيءَ جو کاڌو کائيندو هو. (بخاري ڪتاب البيوع)

حديث شريف ۾ هٿ جي ڪمائي کي بهترين کاڌو چيو ويو آهي ۽ نبي اڪرم ﷺ حضرت دائود عليہ السلام جو مثال ڏئي فرمايو تہ اهو بہ هٿ جي ڪمائي وارو کاڌو کائيندو هو. اهو ان ڪري جو حضرت دائود عليہ السلام باوجود ان جي جو اهو بادشاھ بہ هو. سندس لاءِ مشهور آهي تہ پاڻ زرهون ٺاهي پنهنجي گهر ٻار جي روزي حاصل ڪندو هو. نبي آخر الزمان ﷺ بہ مڪي زندگيءَ ۾ واپار ڪندا هئا. آخر ۾ حضرت خديجة رضي الله عنها جو مال ڪٺي شام وغيره ڏانهن ويندا هئا ۽ محنت ڪري پنهنجي زندگي گذاريندا هئا.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام هڪ رستي تان پئي ويا تہ هڪڙي نوجوان کي ڏٺائون تہ اهو عبادت ۾ مشغول هو ۽ سندس منهن ڦڪو ٿي ويو هو. حضرت

عيسيٰ عليہ السلام ان نوجوان کان پڇيو تہ تون ڇا ڪندو آهين؟ جواب ڏنائين تہ مان صرف عبادت ۾ وقت گذاريندو آهيان. حضرت عيسيٰ عليہ السلام پڇيس تہ تنهنجي کاڌ خوراڪ جو ڪهڙو انتظام آهي؟ ان چيو تہ سامهون منهنجو ڀاءُ پوک پراهہ ڪندو آهي ۽ اهو مون کي بہ کارائيندو آهي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام نوجوان کي فرمايو تہ توکان تہ تنهنجو ڀاءُ وڏيک عبادت گذار آهي جو اهو خدائي فرضن جو حفاظت سان گڏ حلال روزيءَ لاءِ محنت ڪري پاڻ بہ کائي ٿو ۽ ٻين کي بہ کارائي ٿو. حضرت ابوبڪر صديق ﷺ خليفي ٿيڻ کانپوءِ ڪپڙي جو ٿان ڪٽي بازار ويو، حضرت عمر فاروق ﷺ واپار ۽ پوک ڪندو هو. حضرت عثمان ﷺ تہ واپار ۾ مشهور هئا. حضرت علي ﷺ پنهنجي شاديءَ جي دعوت لاءِ هڪڙي يهودي سوناري سان گڏجي ازخر جو گاهہ ڪٽي مزدوري ڪري ڪجهہ پئسا گڏ ڪيا ۽ پنهنجي شاديءَ جو وليمو ڪيو. حضرت امام ابو حنيفہ ﷺ جا ڪپڙي جا ڪارخانا هئا. اهو نہ صرف پنهنجي ذات تي خرچ ڪندو بلڪ اهڙن شاگردن جي مدد بہ ڪندو هو جيڪي غريب گهراڻن جا هئا. انهن ۾ سندس مشهور شاگرد امام ابو يوسف بہ هو جنهن جي گهر وارن لاءِ پنهنجي خرچ تي هڪ ملازم رکي ڏنو تہ جيئن ابو يوسف پنهنجي تعليم مڪمل ڪري. پاڻ وڏو سخي بہ هو ۽ مسڪينن محتاجن جي مدد بہ ڪندو هو. سيدنا محبوب سبحاني عبدالقادر جيلاني ﷺ مدرسہ نظاميہ بغداد ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ ساڳي مدرسي ۾ ڪيترا سال پڙهائيندو رهيو ۽ ان سان گڏ پنهنجو ذاتي ڪاروبار بہ ڪندو هو. ڪيترائي فقہ جا امام، عالم سڳورا گذريا آهن جيڪي علم جي روشني ڦهلائڻ سان گڏ پنهنجي گذران لاءِ محنت بہ ڪندا هئا. جيئن انهن جي نالي سان گڏ سندن ڌنڌي جي وصف بہ لڳل آهي شمس الدين حلوائي، خياط (درزي) نجار (واڍڪو ڪم ڪندڙ) قدوري، (ڪنڀارڪو ڪم ڪندڙ) ڪاتب حڪيم وغيره اهي عظيم انسان هئا جيڪي منصب يا اقتدار تي رهي ڪري هميشہ ان منصب کي الله ۽ عوام جي امانت خيال ڪندي پنهنجي ذاتي معاملن کان پري رکندا هئا.

انهيءَ امانت واري اخلاص ۽ سچائيءَ جي ڪري الله تعاليٰ انهن جي هر ڪم ۾ برڪت عطا فرمائي ۽ انهن جون محنتون نتيجہ خيز ثابت ٿيون .اڄ بہ ان ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ دين سان لاڳاپيل حضرات مختلف شعبن ۾ محنت ڪري پنهنجو روزگار حاصل ڪري سگهن ٿا .

# نبي ڪريم ﷺ جن جو مزاح، تبسم ۽ نرم مزاجي

**حافظ علي رضا گجو سڪندري**

رحمة للعالمين نبي، حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جي مبارڪ زندگي جو هر پهلو امت لاءِ روشنيءَ جو چراغ آهي. سندن ﷺ جا اخلاق مبارڪ بلند ترين، سندن طبيعت جوهرِ رحمت ۽ سندن رويو نرم خو، خوش مزاج ۽ دلربا هو.

نبي ڪريم ﷺ جي مزاح، تبسم ۽ نرم خوئيءَ مان نه رڳو انساني رشتن جي خوبصورتي ظاهر ٿئي ٿي،پراهاڻ سکيا ملي ٿي ته سنجيدگيءَ سان گڏ شگفتگي ۽ نرمي شخصيت کي وڌيڪ محبوب بڻائي ٿي.

نبي ڪريم ﷺ جو مزاح بلڪل حقيقت تي مبني، حد جي وڌڻ کان پاڪ ۽ دل آزاري کان خالي هوندو هو.سندن ﷺ جي زبان مان نڪتل هر جملي ۾ حڪمت، اخلاص ۽ محبت سمايل هوندي هئي.

سندن طبيعت سختي ۽ ترش روئي کان بلڪل پاڪ هئي سندن سنجيده ۽ نرم مزاجي جي متعلق الله تعالي پنهنجي پاڪ ڪلام قرآن مجيد ۾ فرمايو:

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ

”پوءِ ڪهڙي نه الله جي مهرباني آهي جو اي محبوب ﷺ ! توهان انهن جي لاءِ نرم ٿيا ۽ جيڪڏهن توهان سخت مزاج ۽ سخت دل هجو ها ته هو ضرور توهان وٽان ٽڙي پکڙي وڃن ها“.(سوره آل عمران :١٥٩)

حضرت حبشي بن جناده رضي الله عنه پنهنجي آقا ﷺ جن جي باري ۾ فرمايو ته كَانَ اَفْكَهُ النَّاسِ خُلُقًا حضور اڪرم ﷺ سڀني مخلوق مان وڌيڪ خوش طبع ۽ خوش مزاج هئي.

حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو: اِنِّيْ لَاَمْزَحُ وَلَآ اَقُوْلُ اِلَّا حَقًّا آئون مزاح ته ڪريان ٿو پر هميشه سچ چوندو آهيان .

پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي پاڪ ازواج مطهرات سان تمام گهڻي خوش

طبعي فرمائيندا هئا. حضرت انس ﷛ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ ماڻهن مان سڀ کان وڏيڪ پنهنجي گهروارين سان خوش طبعي فرمائيندا هئا.

حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله تعالي عنها کان روايت آهي تہ هڪڙي سفر ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ مون سان ڊوڙ ۾ مقابلو ڪيو آئون ان وقت بدن ۾ هلڪي هيس ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ کان اڳتي نڪري ويس ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ وري پاڻ ﷺ ڊوڙ ۾ مقابلو ڪيو آئون ان وقت بدن ۾ ڳري هيس ۽ پاڻ ڪريم ﷺ مون کان اڳتي نڪري ويا ۽ مزاح ڪندي فرمايائون تہ هي هن جي مقابلي ۾ آهي.

حضرت انس بن مالڪ ﷛ بيان ڪن ٿا تہ: هڪ ڳوٺاڻو شخص، جنهن جو نالو زاهر هيو، نبي ڪريم ﷺ وٽ ايندو هيو ۽ جڏهن بہ ايندو تہ ڳوٺ مان ڪو تحفو کڻي ايندو هو. جڏهن واپس وڃڻ جو ارادو ڪندو هو تہ رسول الله ﷺ بہ کيس ڪو تحفو عطا فرمائيندا هئا.

هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ فرمايو:”زاهر اسان جو ڳوٺاڻو (دوست) آهي ۽ اسان سندس جا شهري آهيون“.

رسول الله ﷺ زاهر سان محبت ڪندا هئا، جيتوڻيڪ هو شڪل ۾ ڪجهہ ڪوجهو هو.هڪ ڏينهن هو بازار ۾ پنهنجو سامان وڪڻڻ ۾ مصروف هو تہ نبي ڪريم ﷺ اوچتو پٺيان آيا ۽ سندس اکين تي پنهنجا هٿ مبارڪ رکي ڇڏيا،۽ کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيائون تہ جيئن هو نہ سڃاڻي سگهي تہ پويان ڪير آهي.

زاهر پڇندو رهيو: ڪير آهي؟

جڏهن هن نبي ڪريم ﷺ کي سڃاڻي ورتو تہ خوش ٿي پنهنجي پٺيءَ کي نبي ﷺ جي مبارڪ ڇاتيءَ سان لڳائڻ لڳو.

نبي ڪريم ﷺ خوش طبع انداز ۾ فرمايو:

” هي غلام ڪير خريد ڪندو؟“

زاهر عرض ڪيو:

” يا رسول الله ﷺ! اوهان تہ مون کي گهٽ قيمت وارو لهندا“.

نبي ڪريم ﷺ فرمايو: ” نہ ، پر تون الله جي نظر ۾ هرگز گھٽ قيمت وارو نہ آهين“ . يا فرمايائون:” تون الله جي نظر ۾ تمام قيمتي آهين“.

هي حديث نبي ڪريم ﷺ جي محبت ۽ عام ماڻهن خاص ڪري سادا دل ماڻهن سان حسن سلوڪ ۽ خوش طبعي جو عظيم نمونو آهي.

امام بخاري رحمه الله الادب المفرد ۾ حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت بيان ڪئي آهي تہ هڪ شخص بارگاه رسالت ﷺ ۾ حاضر ٿيو عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ سواري جي لاءِ مون کي اٺ وغيره ڏيو. حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو انا حاملوڪ علي ولد الناقه اسان توکي ڪي ڏاچي جي ڦر تي سوار ڪنداسون. ان شخص عرض ڪيو تہ يارسول الله ﷺ ! ڏاچي جي ڦر کي ڇا ڪندس حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو:

هَلْ تَلِدُ الْاِبِلَ اِلَّا النُّوْقُ ڇا اٺن کي ڏاچيون نہ ڄڻنديون آهن.

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ حضور ﷺ مزاح سان گڏ حقيقت ۾ اها تعليم پڻ ڏيندا هئا تہ ماڻهن کي ، عقل، فهم ۽ ڳالهائڻ جي سليقي جي سکيا بہ ملي.

نبي ڪريم ﷺ جو تبسم ۽ مرڪندڙ چهرو سندن شخصيت جو بنيادي حصو هو. حضرت عبدالله بن حارث رضي الله عنه فرمائين ٿا:

"مَا رَأَيْتُ أَحَدًا أَكْثَرَ تَبَسُّمًا مِن رَسُولِ اللهِ ﷺ" (جامع ترمذي)

"مون ڪڏهن بہ ڪنهن کي نبي ڪريم ﷺ ڪان وڌيڪ مرڪندي نہ ڏٺو".

پاڻ ڪريمن ﷺ جي تبسم جي متعلق گهڻيون روايتون مذڪور آهن ۽ اها سندن جي هميشہ واري عادت مبارڪ هئي ۽ گهٽ کلڻ جي متعلق بہ ڪجھ روايتون مذڪور آهن پر ٺهڪ ڏئي کلڻ ڪڏهن بہ ثابت ناهي جيئن حديث مبارڪ ۾ حضرت امڙ عائشہ رضي الله تعالي عنها فرمائي ٿي تہ نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪڏهن بہ پورو ٺهڪ ڏئي کلندي نہ ڏٺو جو حلق مبارڪ ظاهر ٿئي پاڻ گهڻو تبسم فرمائيندا هئا (بخاري)

ٻي حديث مبارڪ ۾ پاڻ تبسم جي متعلق فرمايائون: "وَتَبَسُّمُكَ فِيْ وَجْهِ أَخِيْكَ صَدَقَةٌ" تنهنجو پنهنجي ڀاء جو سامهون مرڪڻ بہ صدقو آهي.

سندن ﷺ تبسم اهڙو هو، جيڪو نہ رڳو سندن نرم مزاجيءَ جي علامت هو، پر صحابن جي دلين لاءِ راحت، خوف جي لمحن ۾ اطمينان، ۽ ڏک ۾ اميد جو پيغام هوندو هو.

نبي ڪريم ﷺ پنهنجي اهلِ بيت سان بہ مرڪندڙ لهجي ۾ ڳالهائيندا هئا. حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله تعالي عنها بيان فرمائين ٿيون تہ پاڻ گهر ۾ سڀ کان وڌيڪ نرم مزاج، مسڪرائيندڙ ۽ خوش طبع هئا.

ٻي روايت ۾ آهي تہ جڏهن امان عائشہ رضي الله تعالي عنها کان نبي ڪريم ﷺ جن جي گهرو زندگيءَ جي متعلق پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون

كَانَ اَلْيَنَ النَّاسِ بَسَّامًا ضَحَّاكًا لَمْ يُرَ قَطُّ مَادًّا رِجْلَيْه بَيْنَ اَصْحَابِه

حضور اڪرم ﷺ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ نرم خو هئا هر وقت مسڪرائيندا ۽ مرڪندا رهندا هئا. حضور اڪرم ﷺ ڪي ڪڏهن بہ پنهنجي صحابہ جي محفل جي وچ ۾ پير ڊگهيڙيندي نہ ڏٺو ويو.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي مزاح جو انداز نہ رڳو نرالو هو، پر ان مان تربيت بہ ٿيندي هئي. هڪ ڀيري هڪ پوڙهي عورت سندن ﷺ خدمت ۾ جنت ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ دعا جو عرض ڪيو. پاڻ ﷺ فرمايائون:
"پوڙهيون عورتون جنت ۾ داخل نہ ٿينديون". اهو ٻڌي عورت ڏک محسوس ڪيو ۽ روئي پئي . پوءِ پاڻ ﷺ مرڪندي فرمايو:
"ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جنت ۾ سڀني کي نوجوان بڻائيندو." پاڻ ڪريمن ﷺ هيءَ آيةِ مبارڪ تلاوت فرمائي

اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً، فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا، عُرُبًا اَتْرَابًا(سوره واقعہ :۳۵_۳۷)

بيشڪ اسان انهن عورتن کي چڱي واڌ سان وڌايو پوءِ اهي ڪنواريون بنايون پنهنجي مڙسن کي پياريون ، انهن کي پيار ڏيندڙ ۽ هم عمر.

اهو لطيف انداز، جنهن ۾ نہ تہ دل آزاري آهي ۽ نہ مذاق اڏائڻ، پر محبت ۽ شفقت جو اعلي مثال آهي — اهوئي نبي ڪريم ﷺ جو خاص انداز هو.نرم خوئي تہ نبي ﷺ جي سڀني خصلتن جو بنياد هئي .

حضرت انس رضی اللہ عنہ روايت ڪن ٿا تہ رسول الله ﷺ سڀني ماڻهن مان سڀ کان وڏيڪ سهڻو اخلاق رکڻ وارا هئا.

هڪ ڏينهن پاڻ ﷺ مون کي ڪنهن ڪم جي لاءِ موڪليو، مون دل ۾ چيو: "قسم خدا جي، مان نہ ويندس"!

پر منهنجي دل ۾ اهو بہ هو تہ مان نبي ڪريم ﷺ جي حڪم تي ضرور ويندس. مان نڪتس ۽ رستي ۾ راند ڪندڙ ٻارن وٽ پهتس،
تہ اوچتو رسول الله ﷺ مون کي پٺيان ڳچيءَ مان پڪڙي ورتو.
مون پٺتي نهاريو تہ پاڻ ﷺ مرڪي رهيا هئا.
۽ پاڻ ﷺ فرمايائون :اي انيس! ڇا تون اُتي وئين، جتي مون توکي موڪليو هو؟ مون عرض ڪيو:
"ها! مان وڃان پيو، يا رسولَ الله ﷺ"
سندن ﷺ جي نرم دل جو اهو عالم هو جو پاڻ ٻارن سان بہ کلندي ڳالهائيندا هئا، انهن سان مزاح ڪندا هئا.

حضرت انس رضی اللہ عنہ حضور اڪرم ﷺ جي خوش طبعي جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ :حضور اڪرم ﷺ جن اسان سان ملي جلي ويندا هئا منهنجو هڪ ننڍو ڀاءُ هو ان جو پکي مري ويو جنهن سان راند ڪندو هو ۽ اهو انتهائي ڏک ۽ غم ۾ هو حضور اڪرم ﷺ جن ان جي غم دور ڪرڻ جي لاء فرمايو : ”يَا أَبَا عُمَيْرٍ مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ؟" (بخاري)
” اي ابو عمير! تنهنجو نغَير (پکي) ڪيڏانهن ويو؟“
اهو جملو فقط مزاح ناهي، پر ان ۾ ٻار جي احساسن کي اهميت ڏيڻ ۽ ٻارن سان همدردي ڪرڻ جو خوبصورت سبق پڻ آهي.

حضرت انس کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ نرمي جنهن بہ شيءِ ۾ هوندي آهي تہ ان کي سينگاري ڇڏيندي آهي ۽ جنهن شيءِ مان نرمي جدا ڪئي ويندي آهي تہ ان کي بگاڙي ڇڏيندي آهي.

حضرت امان عائشہ رضي الله تعالي عنها کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو الله تعالي نرمي ڪري ٿو ۽ نرمي کي پسند

ڪري ٿو نرمي ڪرڻ تي جيترو الله تعالي عطا فرمائي ٿو ايترو سختي ڪرڻ تي نہ ٿو عطا فرمائي.

حضرت عائشہ رضي الله تعالي عنها کان ٻي روايت ۾ آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو جيڪو نرمي کان محروم رهيو اهو هر ڀلائي کان محروم رهيو.

امام مسلم رحمة الله عليه پنهنجي صحيح ۾ هڪ انتهائي دلپذير روايت نقل فرمائي آهي تہ حضرت معاويہ بن حڪم رضي الله عنه ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن سرور عالم ﷺ جن سان گڏ نماز ادا ڪري رهيو هئس تہ هڪ شخص ڪي ڇڪ آئي مون چيو يَرْحَمُكَ اللهُ (الله تعالي تو تي پنهنجي رحمت فرمائي) ٻيا نمازي مون کي گهوري گهوري ڏسڻ لڳا وري مون ان شخص کي چيو يَرْحَمُكَ اللهُ وري قوم مون کي گهوري گهوري ڏسڻ لڳي انهن جي انهي حرڪت جي ڪري آئون حيران ٿي ويس مون چيو واثُكْلَ أُمَّاهْ! هاءِ منهنجي ماءُ مري، هي ماڻهو مون کي گهوري گهوري ڇو ڏسي رهيا آهن پوءِ نمازين پنهنجي رانن تي پنهنجا هٿ هنيا تڏهن مون کي ڳالھہ سمجھہ ۾ آئي تہ اهي مون کي خاموش رهڻ جو چئي رهيا آهن جڏهن رحمت عالم ﷺ جن نماز کان سلام ورايو تہ مون کي پنهنجي طرف سڏيائون.

منهنجا ماءُ پيءُ حضور اڪرم ﷺ تان قربان مون حضور اڪرم ﷺ کان نہ اڳ ۾ نہ ئي پوءِ اهڙو معلم ڏٺو جو ان بهترين انداز سان تعليم ڏيندو هجي. نہ حضور مون کي ماريو نہ مون کي برو ڀلو چيائين نہ مون کي جهڙڪ ڏنائين فقط مون کي پنهنجي شفقت واري انداز ۾ ايترو چيائين تہ تنهنجي هن نماز ۾ ماڻهن وانگر ڳالهائڻ سٺو ناهي بلڪ نماز ۾ الله تعالي جي تسبيح ۽ تڪبير چئي ويندي آهي ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي ويندي آهي.

نبي ڪريم ﷺ جي زندگيءَ مان اسان کي سکڻ گهرجي تہ مسلمان جي شخصيت نہ رڳو عبادت گذار هجڻ گهرجي، پر نرمي، تبسم، رحم، ۽ خوش طبع هجڻ بہ لازمي آهي. اهڙي زندگي جيڪا ٻين لاءِ راحت بڻجي.

# مصطفيٰ كريم ﷺ جن جو حسن و جمال

## مولانا عبدالكريم جوڻيجو سكندري

حضور نبي كريم، رؤف رحيم، امام الانبياءِوالمرسلين، سرور كونين، خاتم النبيين ﷺ جن جي ذات مبارڪ حسن ۽ ڪمال جو عظيم پيڪر آهن. سندن مثل ڪائنات اندر مخلوق ۾ نہ اڳ ۾ هيو نہ ئي قيامت تائين ٿيندو. سندن رخ انور والضحىٰ، طہٰ، يس ۽ سراجا منيرا آهي، ڪائنات جو هر ذرو حسن حاصل ڪرڻ لاءِ ذات مصطفي ڪريم خاتم النبيين ﷺ جي دروازي جو سائل ۽ فقير آهي. ڪائنات جي اندر تمام رونقون، رنگينيون ،خوبصورتيون، چمڪون ۽ تازگيون سندن قدمن مبارڪن جي طفيل آهن. الله رب العالمين پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ کي اهڙو تہ عظيم حسن، جمال ۽ ڪمال عطا فرمايو جيڪڏهن ڪائنات جي اندر انهيءَ جو ڪامل ظهور ٿئي ها تہ نوع انسان انهيءَ جي جهلڪ جو بہ تاب برداشت نہ ڪري سگهي ها.

اک جھلک دیکھنے کی تاب نہیں عالم کو
وہ اگر جلوہ کریں کون تماشائی ہے

قارئين ڪرام: سرڪار ڪريم ﷺ جن جي سيرت مبارڪ مان سندن جي پاڪ چهري مبارڪ متعلق چند احاديث مبارڪ ملاحظہ ڪريو:

(1)عَنِ الْبَرَاءِ رضی الله عنه يَقُوْلُ: كَانَ رَسُوْلُ االلهِ صلى الله عليه واله وسلم أَحْسَنَ النَّاسِ وَجْهًا، وَأَحْسَنَه خَلْقًا. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ.

(أخرجہ البخاري في الصحيح، كتاب المناقب، باب صفة النبي ﷺ)

ترجمو : حضرت براءِ ابن عازب رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن صورت ۽ اخلاق جي لحاظ ڪان تمام خوبصورت چهري مبارڪ وارا هئا ۽ تخليق ڪائنات ۾ سڀ ڪان وڌيڪ حسن وارا هئا.

(مسلم في الصحيح، كتاب الفضائل، باب في صفة النبي ﷺ)

(2) عَنْ عَائِشَةَ رضي الله عنها أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلى الله عليه واله وسلم دَخَلَ عَلَيْهَا مَسْرُوْرًا تَبْرُقُ أَسَارِيْرُ وَجْهِه. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ. (بخاري شريف)

ترجمو:ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها جن فرمايو تہ هڪ ڀيري پاڻ ڪريم ﷺ جن مون وٽ خوش ٿيندي تشريف فرما ٿيا سندن جي رخ انور کان نور جا چشما جاري هئا،

(3) عَنْ كَعْبِ بْنِ مَالِكٍ رضى الله عنه يُحَدِّثُ حِيْنَ تَخَلَّفَ عَنْ تَبُوْکَ، قَالَ: فَلَمَّا سَلَّمْتُ عَلٰى رَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه واله وسلم وَهُوَ يَبْرُقُ وَجْهُه مِنَ السُّرُوْرِ، وَكَانَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه واله وسلم إِذَا سُرَّ اسْتَنَارَ وَجْهُه حَتّٰى كَأَنَّه قِطْعَةُ قَمَرٍ، وَكُنَّا نَعْرِفُ ذَالِکَ مِنْهُ. مُتَّفَقٌ عَلَيْهِ.

(أخرجہ البخاري في الصحيح، کتاب المناقب، باب صفة النبي ﷺ ، ۳ /۱۳۰۵، الرقم: ۳۳۶۳، ومسلم في الصحيح، کتاب التوبة، باب حديث توبة كعب بن مالک وصاحبيہ، ۴ /۲۱۲۷، الرقم: ۲۷۶۹، والنسائي في السنن الكبرىٰ، ۶ /۳۵۹، الرقم: ۱۱۲۳۲، وأحمد بن حنبل في المسند، ۳ /۴۵۸، الرقم: ۱۵۸۲۷)

ترجمو :حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جڏهن تبوڪ کان پوئتي رهجي وڃڻ کان بعد رسول الله ﷺ جي بارگاہ ۾ پيش ٿي سلام عرض ڪيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چهرو مبارڪ خوشي مان زور چمڪي رهيو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ خوشي جو اظهار فرمائيندا هئا تہ سندن چهرو مبارڪ ائين چمڪندو هو ڄڻ چنڊ جو ٽڪرو آهي انهي سان سندن خوشي کي سڃاڻي وٺندا هئاسين،

(4) عَنْ أَبِي إِسْحَاقَ قَالَ: سُئِلَ الْبَرَاءُ أَكَانَ وَجْهُ النَّبِيِّ صلى الله عليه واله وسلم مِثْلَ السَّيْفِ؟ قَالَ: لَا بَلْ مِثْلَ الْقَمَرِ.رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ وَالتِّرْمِذِيُّ وَالدَّارِمِيُّ

ترجمو : حضرت ابو اسحاق رضي الله عنه کان روايت آهي فرمايائين تہ حضرت براءِ ابن عازب رضي الله عنه کان پڇيو ويو تہ ڇا رسول الله ﷺ جن جو چهرو مبارڪ چمڪ ۾ تلوار جي مثل هو؟ فرمايائين تہ نہ بلڪ چنڊ جي چانڊاڻ مثل هو .

(5) عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضى الله عنه قَالَ: مَا رَأَيْتُ شَيْئًا أَحْسَنَ مِنْ رَسُوْلِ اللهِ

صلى الله عليه واله وسلم كَأَنَّ الشَّمْسَ تَجْرِي فِي وَجْهِه. رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَأَحْمَدُ.
ترجمو: حضرت ابو هريره رضي الله عنه كان روايت آهي ته فرمايائين ته مون كا به شيءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن كان وڌيڪ حسين نه ڏٺي جڻ ته سج سندن جي چهري انور ۾ هلي رهيو آهي.

(6)عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ سَلَامٍ رضى الله عنه، قَالَ: فَلَمَّا اسْتَثْبَتُّ وَجْهَ رَسُوْلِ اللهِ ﷺ، عَرَفْتُ أَنَّ وَجْهَهُ لَيْسَ بِوَجْهِ كذاب. (جامع ترمذي)

حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه كان روايت آهي ته فرمايائين ته جڏهن مون رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم جن جي چهري مبارڪ کي پهريون، پهريون پيرو ڏٺو ته مون سڃاڻي ورتو ته هي چهرو مبارڪ واقعي سچي نبي جو ئي آهي اهڙو نوراني چهرو مبارڪ ڪنهن به ڪوڙي نبوت جي دعويدار جو ٿي ئي نه ٿو سگهي.

ياد رکو! جهڙي طرح نبي اڪرم، نورِ مجسم صلي الله عليه وسلم جو ڪمالِ سيرت ۾ ڪو مٽ ناهي، اهڙي طرح تمام اَوّلين ۽ آخرين ۾ سندن حسن ۽ جمال جو به ڪو مٽ ناهي. پاڻ ڪريم خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم جن جي ذات اقدس حسن ۽ جمال جو اهو عظيم پيڪر آهن جو سندن ديدار سان مُرجهايل چهرا ڪلي پون ٿا، ڏک ۽ غم خوشين ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا ۽ ڪٽيل قلب روشن ٿي پون ٿا ، اسان جي آقا ڪريم خاتم النبيين ،مکي مدني مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جو حُسن ۽ جمال اهڙو بي مثال آهي جو هر صحابي سڳوري جي اها خواهش ۽ تمنا هوندي هئي ته هر وقت پياري پياري آقا صلي الله عليه وسلم جن جي نوراني چهري مبارڪ جي زيارت سان فيضياب ٿيندا رهن، ان ڪري صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان حُسن ۽ جمال جي پيڪر،محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّىٰ الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي چهره انور جي ديدار سان پنهنجي اکين کي ٿڌاڻ ۽ دلين کي راحت پهچائيندا هئا ۽ مصطفيٰ ڪريم جي چهري جي هڪ جهلڪ انهن جي دلين ۾ هزارين خوشيون آڻيندي هئي.

حضرت سيدُنا ابُوهريره رضي الله عنه زيارتِ رسول جي وقت پنهنجي ڪيفيت بيان ڪندي فرمائن ٿا: اِنِّيْ اِذَارَأَيۡتُک طَابَتْ نَفْسِي وَ قَرَّتْ عَيۡنِي يعني

جڏهن مان پاڻ ڪريم صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت سان فيضياب ٿيندو آهيان تہ دل خوشي ۾ جُهومڻ لڳندي آهي ۽ منهنجون اکيون ٺڏيون ٿي ويندبون آهن .(مسند امام احمد)

اهڙي طرح هڪ شخص سرورِ ڪائنات، فَخرِ موجودات صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي پاڻ صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اهڙي طرح ديدار ڪندو هو جو اک بہ نہ ڇنڀيندو هو. نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ائين ڏسڻ جو ڇا سبب آهي؟ عرض ڪيائين:آقا منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! اوهان جي مبارڪ چهري جي زيارت سان لطف اندوز ٿيندو آهيان .

سُبۡحٰنَ اللّٰہ عزوَجَلَّ !صحابہَ ڪرام عَلَیهمُ الرِّضۡوَان نبي ڪريم ،رؤفٌ رَّحيم صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حُسن ۽ جمال جا ايترا تہ طالب هئا جو هر وَقۡت پاڻ ڪريم صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي رُخِ روشن جي نوراني جلون ۾ گم رهندا هئا ۽ سندن نور واري چهري جي تجليات سان پنهنجي دل ۽ دماغ کي روشن ڪندا هئا، حضور صَلَّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيہ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو حُسن ۽ جمال اهڙو بي مثال هو، جيڪو ڏسندو هو ڏسندوئي رهجي ويندو هو. چهره مصطفيٰ کي ڏسي صحابہ ڪرام عشقِ ۽ محبتۡ۾ اهڙا فدا ۽ فنا ٿيندا هئا جو ڪو سندن چهري مبارڪ کي چنڊ سان تشبيهہ ڏيندو هو تہ ڪنهن صحابي جي ويجهو مصطفٰي جو چهرو مبارڪ چنڊ کان وڌيڪ حسين هوندو هو، مطلب تہ هر صحابي پنهنجن پنهنجن لفظن ۾عشق جو اظهار ڪندي نبيِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حسن ۽ جمال کي بيان ڪندا هئا .

اهڙي طرح هڪ خاتون جنهن جو نالو اُمّ مَعبد هو، اُنهي رحمت عَالم، نبي محتشم صَلَّیٰ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حُسن ۽ جمال کي نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي، فرمايائين تہ ”مون هڪ اهڙي ذات اقدس کي ڏٺو آهي، جنهن جو حُسن ۽ جمال نُمايان هو، سندن جو چهرو مبارڪ خُوبصورت ۽ تخليق ۾ تمام بهترين هو، تمام گهڻا حَسين، اِنۡتهائي خُوبصورت هئا، اکيون ڪاريون ۽ وڏيون، پَلڪون ڊگهيون

هيون، `سندن جو آواز مبارڪ گُونج دار، ڳچي چمڪدار، جڏهن تہ ڏاڙهي مُبارَڪ گهاٽي هئي. ٻئي ڀِرون باريڪ ۽ مليل هئا. سندن قد مُبارَڪ بہ معتدل هو، نہ ايترو ڊگهو هو جو ڏسي ڪري بُرو لڳي، نہ ايترو ننڍو جو ڏسي ڪري حقير معلوم ٿئي، پَري کان ڏسو تہ تمام گهڻو رُعب دار ۽ حَسين ۽ جميل نظر ٿي آيا ۽ جڏهن ويجهي کان ڏٺو وڃي تہ ان کان بہ گهڻو خوبصورت ۽ حَسين ڏسڻ ٿي آيا. (سبل الهدي والرشاد)

حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه جن آقا ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وصحبہ وسلم جن جي ڪمال حسن کي هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي:

وَأَحسَنُ مِنكَ لَم تَرَ قَطُّ عَينِي وَأَجمَلُ مِنكَ لَم تَلِدِ النِساءُ

خُلِقتَ مُبَرَّءً مِن كُلِّ عَيب كَأَنَّكَ قَد خُلِقتَ كَما تَشاءُ

يعني اوهان کان وڌيڪ سهڻو منهنجي اک ڏٺو ئي ناهي ۽ اوهان کان وڌيڪ جمال وارو پٽ ڪنهن عورت ڄڻيو ئي ناهي .اوهان هر عيب کان پاڪ ڪري پيدا ڪيا ويا آهيو، ڄڻ تہ جيئن اوهان چاهيو ائين ئي پيدا ڪيا ويا آهيو.

سنڌ ڌرتيءَ جي بهترين عالم دين مفتي اعظم حضرت قبلا سائين علامہ مخدوم عبدالغفور همايوني رحمة الله عليه ،سرڪار ڪريم صلي الله عليہ وآلہ و صحبہ وسلم جن شان اقدس کي هنن لفظن ۾ بيان فرمايو آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا،زندان هزارين، مان نہ رڳو
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي،مهمان هزارين، مان نہ رڳو
ڪيئي گهايل تنهنجي گهُور سندا،مخمور غفور سُرور سندا
تنهنجي نور ظهور حضور سندا،نگران هزارين، مان نہ رڳو
ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا،ڪيئي ناز مزيد مريد ڪيا
ريءَ ناڻي ديد خريد ڪيا،قربان هزارين، مان نہ رڳو.

# آيا آس ٿيام پاروچا پنيور ۾

## محمد يعقوب سنگراسي

ابن مريم سيدنا عيسيٰ عليہ السلام پنهنجي ١٢ حواري (صحابہ) سان محو گفتگو آهن فرمائن پيا تہ آئون مون کانپوءِ ايندڙ ان عظيم شخصيت جي توهان کي بشارت ڏيان ٿو، جنهن جو نالو احمد هوندو. هو تمام وڏي مقام ۽ مرتبي جو صاحب هوندو. هڪ حواري اٿي بيهي ٿو ۽ پڇڻ لڳي ٿو تہ توهان هڪ نبي جي حيثيت سان جڏهن ان شخص جي مقام ۽ مرتبي جا قائل آهيو تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهو توهان کان بہ افضل هوندو؟ سيدنا عيسيٰ عليہ السلام فرمائن ٿا تہ افضل هجڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي اگر ابنِ مريم کي اهو دور ۽ سندن نعلين پاڪ جي پٽيءَ کولڻ جي بہ سعادت نصيب ٿئي تہ اها وڏي مقدر جي ڳالهہ هوندي“

الهامي تعليم مطابق سيدنا عيسيٰ عليہ السلام جي مرفوع الي السماءِ (زنده آسمان تي وڃڻ) واري واقعي کي ٥٧٠ سال ٿي چڪا هئا. هي ان دور جي ڳالهہ آهي جڏهن جهالت ۽ بربريت تي ٻڌل ريتن، رسمن ۽ حيوانيت هٿان مغلوب سوچ ابنِ آدم کي عبرتناڪ شڪست ڏيئي چڪي هئي. بنتِ حوا کي ”زنده در گور ڪرڻ“ واري رسم پڻ اهڙي سفاڪ دور جي پيداوار هئي. تاريخ جي ان سياه دور ۾ دخترانِ حوا نسواني حقوق کان يڪسر محروم ۽ زندگي، نڪاح، وراثت، اوائلي توڙي سماجي معاملن ۾ مرد جي سامهون ڪا حيثيت نہ رکنديون هيون. انسان پنهنجي هٿن سان تراشيل اصنام جا پوڄاري هئا توحيد واري فلسفي کان دُوري جي حد اها هئي جو خانہ ڪعبہ ۾ ٣٦٠ اصنام سجايل ۽ انسان جي تقدير جا پاڻمرادو مالڪ بڻايا ويا هئا. انسانن جي ماڻهپي ۽ جبلت تي وحشياڻا عناصر غالب اچي چڪا هئا، انساني شرافت پنهنجي حيثيت وڃائي چڪي هئي، تهذيب و تمدن جو نالو ۽ نشان ئي نہ رهيو هو. طبقاتي نظام سبب ڌرتي ظلم ۽ ظلمتن جي آماجگاه بڻيل هئي. انساني عظمت ۽ آزادي جو تصور ئي نہ هو. پوري وايو منڊل ۾ هڪ خوفناڪ ڀيانڪ تصور ٻَڪي رهيو هو تہ مفلس ۽ بي سهارا انسان جو مقدر غلامي ۽

مظلوميت ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ ناهي!اهڙي گھگھہ اونداهي مان گذرندڙ ڪائنات ڪنهن مسيحا جي منتظر هئي!

اهو ربيع الاول جو مهينو هو. رات جي ڪاراڻ شفق جي لالاڻ ۾ پره جي روشني سان مٽجي رهي هئي. ٻارهين ربيع الاول جو پُربهار صبح سنسار لاءِ خوشين جي نويد کڻي طلوع ٿيو. هنن برڪتن ڀري گهڙين ۾ اهو آفتابِ هدايت نمودار ٿيو جنهن جي چمڪندڙ شعائن ڪائنات جي هر گوشي کي روشني بخشي، ظلم ۽ درندگيءَ جي گھنگھور گھٽائن وچان واديءَ بطحيٰ مڪي جي افق تي تري آيل ان ابرِ ڪرم جي روحاني بوندن مان نہ صرف عربستان جي ٿلواڙيءَ گلن ۽ ڦلن پر عجم جي خاردار وڻن بہ واس ورتو. ١٢ ربيع الاول پيغمبرِ اسلام حضرت محمد ﷺ جن جي ولادت باسعادت جو ڏينهن آهي. عربي ۾ ”ربيع“ جي معنيٰ موسم بهار آهي. اڄ بہ موسم بهار جي استقبال جو جوش و خروش ۽ ان جي هڳائن مان لطف اندوز ٿيڻ واري رسم ۾ اهليانِ عرب دنيا جي باقي اقوام جي بنسبت وڌيڪ حساس آهن. فطرتي حُسن سان چاه رکندڙ اهو ڪهڙو انسان آهي جنهن کي بهار جي هُڳائن سان اُنسيت نہ هجي! پيغمبرِ اسلام ﷺ جي هن موسم ۾ ولادت ٿيڻ ڪري ”ربيع“ جو مهينو بهار وارين خوشين جو استعارو بنجي پيو.قمري سال جو تعلق جيتوڻيڪ چنڊ سان هجي ٿو ان ڪري باوجوديڪ ربيع الاول جو مهينو ڪٽي ڪهڙي بہ موسم ۾ اچي پر اهلِ ايمان لاءِ ان جون خوشيون واقعي بهار جي هڳائن سان واسيل رهن ٿيون.

سندن ولادت کان چاليهہ سالن جي عمر ۾ اعلان نبوت تائين پيغمبرِ اسلام پنهنجي حسنِ سيرت، ڪردار ۽ اعليٰ آدرش ذريعي سماج جون دليون فتح ڪري ورتيون. مگر غارِ حرا ۾ تنهائي ۾ ڪائنات جي تفڪر ۽ تدبر واري خاموش رياضت دوران پهرين وحي جي نزول بعد جبل ابوقبيس تي مڪي واسين جي سامهون اعلاءِ ڪلمہ حق جي ڪين ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي ۽ انهي قيمت جي ادائيگي هر پيغمبر جي سنت پڻ رهي آهي. سندن مڪي زندگي اذيتن، آزمائشن، نظرياتي تبديليءَ لاءِ ناهموار فضا سبب ذهني ۽ جسماني تڪليف ۽ ٿڪاوٽ ۾ گذري ٿي. سماج جو قهر و ظلم عبادتن جي ادائيگي ۾ پڻ رڪاوٽ بنجڻ لڳو جنهن جي نتيجي ۾ حڪمت عملي طور

سندن چاهيندڙن کي ڪجهه وقت لاءِ حبشہ (ايٿوپيا) هجرت جو حڪم ڏيڻو پيو. عارضي هجرت واري انهي حڪمت عملي جي ئي نتيجي ۾ حبشہ جي بادشاه نجاشي ايمان جي دولت سان مشرف ٿيو جنهن جي وفات مهل پيغمبرِ اسلام پنهنجي صحابہ سان گڏجي غائبانہ نماز جنازه پڙ ادا ڪئي. حبشہ (ايٿوپيا) ڏانهن عارضي هجرت سبب شهنشاهِ روم هِرقَل جي ايوان تائين هن نظرياتي تبديليءَ جي دستڪ پهتي. شهنشاه روم سامهون سفيرن جي نہ چاهيندي بہ حق ۽ سچ تي مبني تاريخي گفتگو ۽ سوالن جا جواب هرقل کي حق جي طرفداري تي مجبور ڪري وجهن ٿا ۽ هو چوڻ لڳي ٿو تہ ”جنهن شخص جون توهان خوبيون بيان ڪريو پيا بلاشڪ هڪ نبي ئي اهڙي خوبين سان همڪنار هوندو آهي“.

پيغمبر اسلام جي زندگي ۽ سيرت مبارڪ جو درخشان، اتم ۽ عظيم ترين پهلو سندن بي داغ ۽ شفاف ڪردار آهي. اعلان نبوت وقت مڪي واسين ڪائنس نبوت جي صداقت ۾ معجزو طلب ڪيو تہ پيغمبر اسلام ان گُهر جي جواب ۾مڪي واسين جي وچ ۾ گهاريل چاليهہ سالہ زندگي کي پيش ڪري ڪين لاجواب ڪيو!!! سندن عملي ڪردار سندن صداقت ۽ امانت جو سڀ کان وڏو دليل بنجي سامهون آيو. مڪي جي فضا جي ناهمواريءَ برداشت جون حدون لنگهڻ مهل پيغمبرِ اسلام هن شهر کي الوداع ڪرڻ کان اڳ ۵۰ ميلن جي فاصلي تي واقع طائف شهر جو ان اميد ۾ تہ متان اتي کي نظرياتي تبديليءَ جا متوالا ملي پون رخ ڪن ٿا مگر هاءِ افسوس! طائف وارن هنن عظيم انسانن سان منفي سلوڪ ڪري انسانيت جا ليڪا لتاڙي ڇڏيا، شهر جي اوباش نوجوانن مٿن هلان ڪئي نتيجي ۾ پيغمبرِ اسلام زخمي ٿي پون ٿا ساڻس گڏ موجود ساٿي حضرت زيد عرض ڪري ٿو تہ يارسول الله! هنن لاءِ بددعا فرمايو مگر پاڻ جواب ۾ فرمائن ٿا تہ مونکي ماڻهن کي بددعا ڏيڻ لاءِ ناهي موڪليو ويو، حضرت زيد جي گهڻي اصرار بعد پيغمبرِ اسلام هٿ مبارڪ کڻن ٿا ۽ دعا فرمائن ٿا ”اي پالڻهار! منهنجي قوم کي هدايت بخش ڇوتہ اهي مونکي سڃاڻن نہ ٿا!!!“ ڪيڏي نہ عظمت، وسعت ۽ گِهرائي آهي هن دعا ۾ ۽ اها دعا اڄ بہ اسان جي عملي زندگي ۾ تمام وڏي عظمت جي حامل آهي!

هن واقعي بعد سوءِ حجاز سفرِ هجرت شروع ٿئي ٿو. سلطنت عثمانيہ جي وقت ۾ ترڪ سرڪار هجرت مدينہ جي ان رستي جي انچ انچ کي محفوظ ڪيو هو جنهن تان پيغمبر اسلام گذري براستہ قبا مدينة النبي پهتا هئا. مگر بدقسمتي سان اهي پنڌ ۽ پيچرا نجد جي ۱۹۲۴ع واري آيل لهواري بعد محفوظ رهي نہ سگهيا. جنهن پنڌ ۽ پيچري سان تاريخ، سبق، محبت، انسيت ۽ عشق جا لازوال داستان وابستہ هئا!! مدني زندگي ۾ پيغمبرِ اسلام حُسن معاشرت، حُسن اخلاق، عدل و انصاف، رواداري، سهپ، مساوات، انسان حقن جي پاسداري ۽ تعين سميت امن و امان جهڙي مثالي اوصاف ۽ خوبين تي مبني هڪ اهڙي معاشري جي تشڪيل ڏني جنهن جو مثال انساني تاريخ ۾ ڳوليو بہ نظر نہ ٿو اچي. حسن و جمال ۽ بي داغ ڪردار جي هن عظيم پيڪر جي سيرت واري جامعيت جو اندازو ان مان لڳائڻ مشڪل نہ آهي جو پاڻ پنهنجي سيرت، حسن اخلاق ۽ ڪردار ذريعي هڪ موچي ۽ ڌنار کان وٺي هڪ سپہ سالار ۽ سلطنت جي والي تائين انساني زندگي جي هر شعبي ۾ هر قسم جي انسانن لاءِ پيروي جو هڪ عظيم نمونو رقم ڪيو.

پيغمبر اسلام جي سموري زندگي تعليم، تعلم، عمل، سادگي، قناعت، صبر، استقلال ۽ برداشت جو عملي نمونو نظر اچي ٿي. دنيا جي هر مذهب جي مفڪرن ۽ ڏاهن پيغبر اسلام جي جن جي سيرت ۽ عملي ڪردار جي سامهون سر تسليم خم ڪيو آهي. پير محمد ڪرم شاه الازهري ”ضياءُ النبي“،ڊاڪٽر محمد طاهر القادري ”سيرت الرسول“، مشهور سِک سيرت نگار جي سنگهہ دارا پنهنجي ڪتاب ”رسول عربي“، هندو سيرت نگار سوامي لڪشمن پرشاد ”عرب ڪا چاند“، يورپين اسڪالر آر ڊبليو اسڪاٽ، يورپين دانشور ارٿر گلمين، مغربي ليڪڪ ۽ سيرت نگار ڊرمنگهم، نامور عرب ليڪڪ شوقي خليل تائين سيئي سيرت نگار انهي ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ اسلام جي ترويج ۽ اشاعت لاءِ راه همواريءَ جو بهترين ذريعو فتح مڪ بڻي. هنن سيني ليکڪن ۽ سيرت نگارن جي بقول تہ مڪي جي پرامن فتح ۽ طاقت هوندي بہ جاني دشمنن جي لاءِ عام معافي واري اعلان سان پيغمبر اسلامﷺ دنيا جون دليون فتح ڪري ورتيون. صلح حديبيہ واري معاهدي ۾ شامل ڏکيا شرط قبول ڪرڻ واري مام تان دنيا جي سامهون پردو

بہ فتح مڪہ واري ڏينهن ڪليو ۽ انهن معاهدي جي اصل حڪمت پڻ ان ڏينهن سمجهہ ۾ آئي. هنن ليڪڪن ۽ سيرت نگارن جي بقول تہ خطبہ فتح مڪہ ۽ خطبہ حجة الوداع اسلامي تعليمات جا اهي لازوال بنياد ۽ اساس آهن جنهن جي اهميت ۽ افاديت اسلامي تاريخ جي هر دور ۾ مسلم رهي آهي. خطبہ حجة الوداع ذريعي پيغمبر اسلام ﷺ انساني حقوق جو چارٽر پيش ڪري هڪ فلاحي اسلامي معاشري جو بنياد رکيو. جنهن جي نتيجي ۾ جهالت واري دور جي انڌيري ۾ جڪڙيل ۽ غيرمهذب دنيا بالآخر تهذيب و تمدن جي دولت ۽ انسان حقوق ڪان متعارف ٿي جديد دور ۾ داخل ٿي.

اسلام جي عظمت، ان جي پرامن ۽ قابل تقليد عالمگير تعليمات پيغمبر اسلام ﷺ جي ذات اقدس سان جڙيل آهي. اڄ امت مسلمہ انفرادي توڙي اجتماعي طور تي عملي زندگي ۾ جيترو پيغمبر اسلام ﷺ ۽ اسلامي جي حقيقي تعليمات کي ويجهو ٿيندي ۽ ان حقيقي تعليمات کي پنهنجو مشعلِ راه بنائيندي اوترو ئي ڪين اغيار جي غلامي ۽ تاريخي زوال مان آجپو جلدي ملندو. انساني ارتقاء جو هي سفر جاري آهي. هن سفر جي رخ جي درستگي، انساني حقوق جي حقيقي شعور ۽ نفاذ جون مخلصانہ ۽ نتيجہ خيز ڪوششون ان وقت ثمرآور بنجي سگهن ٿيون جڏهن جديد دور جو انسان اڄ بہ سيرت نبوي ﷺ کي عملي طور ايئن پنهنجو رهنما قرار ڏي جهڙي طرح دورِ ظلمت ۾ سيرت نبوي ﷺ جي روشني ۾ ان کان رهنمائي ورتي ويئي.

اچو تہ ميلاد مصطفيٰ ﷺ جي مناسبت سان پيغمبر اسلام جي تعليمات ۽ سيرت طيبہ کي پنهنجي عملي زندگي جو حصو بنايون. سندن سيرت پاڪ جي بحر بي ڪنار مان ڪجهہ موتي ميڙي انهن کي پنهنجي عملي زندگي جو سونهون بنايون.

آيا آس ٿيام، ٻاروچا پنهور ۾
پسي پهر پنهون جي ننهن سين نيڻ ٺريام،
گوندروسريام، سڪن شاخون مڪيون.

# سنڌي ادب ۾ سيرت نگاري (1)

محمد خالد معراج عباسي سڪندري

سيرت عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي:

عادت، طريقو، طرزِ زندگي، هيئت، سوانح عمري يا ماڻهن سان ورتاءُ جي ڪيفيت. عام عربي گفتگو ۾ اڪابرن جي ڪارنامن يا سندن جنگي معاملن بابت حالتِ زندگي کي سيرت چوندا آهن. وقت گذرڻ سان هاڻي سيرت جي اصطلاحي معنيٰ نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات والا صفات سان مخصوص ٿي وئي آهي. هاڻي جڏهن به سيرت جي حوالي سان ڪنهن محفل، مجلس يا ڪتاب جو ذڪر ايندو ته ذهن پاڻ مرادو نبي ڪريم ﷺ جن جي عظيم شخصيت ڏانهن هليو ويندو.

حضرت شاه عبدالعزيز محدث دهلوي رحمة الله عليه سيرت جي تعريف هن طرح بيان ڪئي آهي:

”آنچه متعلّق به وجود پيغمبر و صحابه كرام و آن عِظام است و از ابتداى تولّد آن جناب تا غايت وفات، آن را سيرت گويند.“

يعني: جيڪو شيءِ اسان جي پيغمبر ﷺ ۽ صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي وجود بابت آهي ۽ سندن پيدائش کان وصال تائين جا واقعا آهن، ان کي سيرت چوندا آهن.

١. سڀ کان پهرين ابن هشام پنهنجي ڪتاب کي ”هذا كتابُ سيرةِ رسولِ الله“ چئي ڪري نبي ڪريم رؤف رحيم ﷺ جي سوانح عمري لاءِ سيرت جو لفظ استعمال ڪيو.

٢. نبي ڪريم ﷺ جي سيرت سان گڏ حديث جو ذڪر به ايندو آهي. حديث ۽ سيرت ۾ فرق هي آهي ته حديث ۾ خاص نبي ڪريم ﷺ جي اقوال ۽ افعال تي بحث ٿيندو آهي ۽ سندن ذات ۽ صفات ضمناً زير بحث ايندا آهن، جڏهن ته سيرت ۾ خاص نبي ڪريم ﷺ جي

ذات ۽ صفات تي بحث ٿيندو آهي.

**سيرت نگاري جي شروعات:**

قرآن پاڪ لکڻ واري دور کان پوءِ صحابہ، تابعين ۽ تبع تابعين سڳورن، يعني مسلمانن جي پهرين نسلن، پهرين صدي ۾ ئي نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جا اقوال، افعال ۽ احوال لکت ۾ سهيڙڻ شروع ڪيا، تان جو ٻي ۽ ٽين صدي هجري ۾ سيرت تي جامع ڪتاب مرتب ٿيڻ شروع ٿي ويا. امت جي اولين بزرگ هستين ايندڙ نسلن ڪي سيرت پاڪ عليٰ صاحبِها الصلوٰة والسلام بابت جامع، مانع ۽ شامل، ڪامل بنيادي مواد گڏ ڪري ڏنو.

لهٰذا سيرت جي مواد جي سهيڙ جا مکيہ ٽي دور رهيا آهن:

۱. **پهريون دور:** جنهن ۾ حضرت ابان بن عثمان غني (۳۰-۱۰۵ھ)، عروه بن زبير (۲۲-۹۳ھ)، امام زين العابدين (۳۸-۹۵ھ)، **شرحبيل بن سعد** (۱۲۳ھ)، وهب بن منبہ (۱۱۰ھ) رحمت الله عليهم اڃي وڃن ٿا.

۲. **ٻيو دور:** جنهن ۾ عبدالله بن ابوبڪر بن جزم (۱۳۵ھ)، عاصم بن محمد بن قتاده (۱۲۰ھ) ۽ ابوبڪر محمد بن مسلم بن شهاب زهري (۱۲۴ھ) رحمهم الله شامل آهن.

۳. **ٽيون دور:** جنهن ۾ موسیٰ بن عقبہ (۱۴۱ھ)، معمر بن راشد (۱۵۰ھ)، محمد بن اسحاق بن يسار (۱۵۳ھ)، سندس شاگرد ابومحمد عبدالملڪ بن هشام الحميري (۲۱۸ھ) ۽ ابومعشر نجيح بن عبدالرحمٰن السندي المدني (۱۷۰ھ)، سندس شاگرد محمد بن عمر واقدي (۲۱۷ھ)، ۽ سندس شاگرد محمد بن سعد (۲۳۰ھ) وغيره ڳڻيا وڃن ٿا.

سڀ کان پهرين تابعي سڳورن حضرت ابان بن عثمان غني ۽ عروه بن زبير **مغازي** تي ڪتاب لکيا. ٻنهي مان پهريان ڪنهن ڪتاب لکيو، ان جو تعين نٿو ٿي سگهي، البتہ عروه بن زبير رحمة الله عليه جو ڪتاب ”مغازي رسول الله“ تازو دنيا جي سامهون آيو آهي، تنهن ڪري هاڻي کيس ئي پهريون سيرت نگار مڃيو وڃي ٿو.

حضرت عروه، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو ڏوهٽو يعني سندس ڌيءَ

حضرت اسماء رضي الله عنها جو پٽ هو. ان ناتي سان هو ام المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها جو ڀاڻيجو هو. سندس والد محترم حضرت زبير رضي الله عنه وڏن صحابہ مان هو، جيڪو اڪثر **مغازي** بابت حديثون روايت ڪندو رهندو هو. اهو ڪتاب ويجهڙ ۾ ڊاڪٽر محمد مصطفيٰ اعظمي جي تحقيق سان ڇپيو آهي، ۽ ڊاڪٽر اسرار احمد علوي (۱۹۴۴-۲۰۲۱ع) ان جو سنڌي ٻولي ۾ مفصل شرح لکيو آهي.

حضرت ابان بن عثمان غني (۳۰-۱۰۵ھ) بہ مغازي تي هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو هو. انهن کان سواءِ حضرت موسىٰ بن عقبہ (۱۴۱ھ) بہ امام زهري جي روايتن کي نئين انداز ۾ جمع ڪري هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو. حضرت وهب بن منبہ (۴۳-۱۱۶ھ) بہ مغازي جو هڪ ڪتاب لکيو. هو صحابن سڳورن حضرت ابوهريره ۽ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنهما جو شاگرد هو.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب هن مهل اڻ لڀ آهن، جڏهن کان حضرت عروه جو ڪتاب مليو آهي، تہ هاڻي حضرت عروه رحمة الله عليه کي سيرت نگاري جو باني مڃيو وڃي ٿو، ورنہ اڳ ۾ علم وارا امام زهري رحمة الله عليه کي سيرت نگاري جو باني ڪري لکندا ۽ مڃيندا پئي آيا.

امام زهري جو لکيل اهو ڪتاب زماني جي دستبرد جو شڪار ٿي ويو. شرحبيل بن سعد (۱۲۳ھ) بہ مغازي جو وڏو عالم هو، هو بہ حضرت ابوهريره ۽ ابوسعيد خدري رضي الله عنهما جو شاگرد هو.

زين العابدين امام علي بن حسين (۳۸-۹۵ھ) رحمة الله عليه ۽ حضرت سلمان بن طرحان (۴۶-۱۴۳ھ) بہ مغازي تي ڪتاب لکيا پر محفوظ نہ رهيا، پر انهن ڪتابن جو ذڪر ۽ حوالا اڪثر بعد جي ڪتابن ۾ ملن ٿا.

امام محمد بن شهاب زهري (۱۲۴ھ) جي لائق شاگرد محمد بن اسحاق (۱۵۳ھ) سندس مغازي جي ڪتاب کي "سيرت ابن هشام" جي نالي سان سڌاري سنواري لکيو، جنهن کي سيرت تي اڄ تائين مستند ترين بنيادي ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو.

در اصل حضرت امير معاويہ رضي الله عنه يمن جي شهر صنعاء جي رهندڙ

عالم عبيد بن شريہ الجُرهُمي (٧٠هه) کان عرب جي تاريخ تي ”ڪتاب الملوڪ و اخبار الماضين“ نالي هڪ ڪتاب لکرايو. ان ڪتاب کان پوءِ ان وقت حديثون پڙهندڙ ۽ پڙهائيندڙ عالم سڳورا سيرت تي ڪتاب لکڻ ڏانهن متوجہ ٿيا. ابن اثير چوي ٿو تہ عبيد بن شريہ نبي پاڪ ﷺ جي صحابن سان مليو آهي پر ڪائنن روايت ناهي ڪئي. هي ڪتاب حيدرآباد دکن مان ١٣٤٧هه (١٩٢٨ع) ۾ ڇپيو.

سرڪاري سطح تي حديثن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پهريون پيرو اموي خليفي حضرت عمر بن عبدالعزيز قدم کنيا. هن تنهن وقت جي سڀني وڏن تابعين عالمن کي حڪم ڏنو تہ حديثون جمع ڪري لکت جي صورت ۾ ڏانهن موڪلين. هن هڪ پاسي امام زُهري رحمة الله عليه کي سيرت تي ڪتاب لکڻ جو حڪم ڏنو ۽ ٻي پاسي سيرت جي تمام وڏي ڄاڻو عاصم بن عمر انصاري کي جامع مسجد دمشق ۾ سيرت تي پابنديءَ سان درس ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو.

منڍ ۾ حديثون سهيڙيون ويون. اڳتي هلي مغازي بابت حديثن کي جدا ڪتابي صورت ڏني وئي. انساني فطرت مطابق صحابہ ڪرام شاگردن ۽ پنهنجي پونيرن سان نبي پاڪ ﷺ جي زماني ۾ وڙهيل جنگين جو ذڪر ڪندا رهندا هئا، تنهنڪري تابعين ۽ تبع تابعين ڪرام مغازي بابت ڪتاب لکيا. عربي ۾ مغازي جنگين کي چئبو آهي، ۽ مغازي جي علم کي بعد ۾ سيرت سڏڻ لڳا.

سيرت جي علم جو مرڪز مدينو پاڪ رهيو، ڇوتہ سڀ جنگيون مديني پاڪ زادها الله شرفاً جي اردگرد وڙهبون ويون ۽ هتان جي ئي ٽن وڏن تابعي عالمن حضرت ابان، عروه ۽ زهري رحمهم الله مغازي تي ڪتاب لکيا. امام سفيان بن عُيينہ فرمائيندا هئا: ”مَن اَرادَ المَغازي فَالمَدينَة“ يعني جيڪو مغازي سکڻ چاهي تہ مديني پاڪ جو رخ ڪري. امام زهري بہ مٿي ڄاڻايل تابعين کان مغازي جو علم سکيو، پوءِ ٻين عالمن ڪائنس اهو علم سکي گهڻو عام ڪيو.

بعد ۾ سيرت تي جيڪي ڪتاب لکيا ويا تن جو گهڻو تڻو بنياد سندس شاگردن موسيٰ بن عُقبہ (١٤١ھ) ۽ محمد بن اسحاق جي مغازي جي ڪتابن تي رهيو آهي.

**سنڌي ٻولي ۾ سيرت نگاري:**

سنڌ ڌرتي جا عالم سڳورا بہ نبي ڪريم رؤف رحيم ﷺ سان عشق ۾ اڳرا رهيا. عربن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور کان وٺي ميرن جي دور تائين عربي ۽ فارسي ۾ شاندار ڪتاب لکيا ويا. انهن مان ڪي ڪتاب حملا آور ساڙ ڪٽي ويا، جيڪي سنڌ ۾ رهجي ويا، تن مان گهڻا غائب آهن يا ڳري سڙي ويا. ٿورا ڪجھ بچيا آهن. سيرت تي لکيل ڪجھ قلمي ڪتاب ۽ رسالا سنڌ، اسلام آباد ۽ هندستان جي ڪتب خانن ۾ سڪرات ۾ پيا آهن، جن جو ڏس پتو فقط تحقيقي مضمونن مان پوي ٿو.

اهي ڪتاب ترجمو ٿي سامهون اچن تہ جيڪر سنڌي ادب جي سونهن ۾ وڏو اضافو ٿيندو. سنڌي ادب ۾ سيرت تي ڪافي ڪم ٿيو آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ جو دامن ڀري ڪيس ٻين علاقائي ٻولين کان مٿانهون مرتبو عطا ڪيو آهي. ٻين ٻولين ۾ لکيل مشهور ڪتاب بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن. ان کان علاوه اڻ ڳڻيا مضمون ۽ مقالا سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن، جن جو ڪاٿو ئي ناهي. ڪيترائي قلمي ڪتاب ۽ ڪتابچا پڻ اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن.

**سنڌ جي پهرئين عالم جو ڪم:**

سنڌ جي پهرئين عالم جنهن سيرت تي ان وقت ڪتاب لکيو، جڏهن سيرت جو فن بانبڙا پائي رهيو هو، اهو هو ٻي صدي هجريءَ جو عالم **امام** ابومعشر نجيح بن عبدالرحمان السندي المدني رحمة الله عليه. هو هشام بن عروه جو شاگرد هو. ابن اسحاق وانگر هن بہ بغداد ۾ رهي مغازي تي ڪتاب لکيو.

بدقسمتي سان اهو ڪتاب محفوظ نہ رهيو، البتہ سندس شاگرد امام واقدي ۽ ابن سعد پنهنجي ڪتابن ۾ ان ڪتاب جا ڪجھ ٽڪرا ڏنا آهن.

ابومعشر ابن اسحاق جو همعصر هو ۽ حديث جو راوي بہ هو. سندس والد سنڌ مان يمن هليو ويو، جتي ابومعشر ڄائو ۽ نپنو. هو يمامہ ۽

بحرين جي جنگين ۾ گرفتار ٿي مديني پاڪ آيو، جتي ڪيس اُم موسيٰ بنت منصور خريد ڪيو. هن ڪيس مڪاتب ٻانهو بڻائي پوءِ آزاد ڪيو.

امام ابومعشر ڪي سنڌي هجڻ تي فخر هوندو هو. ابو نعيم چوندو هو تہ هو مون کي ٻڌائيندو هو تہ منهنجو والد سنڌي هو. علامہ ابومعشر ١٧٠ھ ۾ گذاري ويو. سندس جنازو خليفي هارون الرشيد بغداد ۾ پڙهايو. هن مديني جي عالمن جي مجلسن ۾ ويهي علم پرايو. سندس پٽ محمد بن ابومعشر کان پڇيو ويو تہ سندس والد مغازي جو علم ڪنهن کان حاصل ڪيو؟ تہ هن ٻڌايو تہ سندس شيخ وٽ تابعين حضرات اچي مغازي جو ذڪر ڪندا هئا ۽ سندس والد اهي ٻڌي ياد ڪري وٺندو هو.

فتح الباري ۾ بہ سندس مغازي جا جا بجاءِحوالا موجود آهن. امام ابو معشر بابت امام احمد بن حنبل رحمۃ اللہ علیہ فرمايو: ”هُوَ بصيرٌ فِي المَغازي“ يعني هو مغازي (سيرت) جي علم ۾ وڏي نظر رکندڙ هو.

ٽئين صدي ۾ ديبل سنڌ جي عالم امام محدث ابوجعفر محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبلي ”مڪاتيب النبي“ نالي ڪتاب لکي پهريون پيرو نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جا لکيل پنجويهہ کن خط گڏ ڪيا. الحمدلله اهو ڪتاب زماني جي حادثن کان بچي اسان تائين پهتو آهي. ان ڪتاب تي ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر جناب عبدالشهيد وڏي تحقيق ڪري اردو ۾ ١٣٠٦ھ ۾ ترجمو ۽ شرح لکيو، جيڪو الرحيم اڪيڊمي ڪراچي ٢٠١٧ع ۾ ڇاپيو. محدث ديبلي رحمۃ اللہ علیہ اهي خط صحابي سڳوري حضرت عمرو بن حزم رضی اللہ عنہ (جنهن کي حضور پاڪ صلی اللہ علیہ وسلم يمن جو عامل مقرر ڪري هڪ عهدنامو لکي ڏنو هو) جي پڙپوٽي عبدالملڪ کان روايت ڪري لکيا. ڏهين صدي جي مصري عالم محدث حافظ محمد بن علي ابن طولون پنهنجي ڪتاب ”اعلام السائلين عن كتب سيد المرسلين“ ۾ امام محدث ديبلي جا اهي خط نقل ڪري هڪ جز جي صورت ۾ ڏنا آهن. اهو ڪتاب دمشق مان ١٣٤١ھ ۾ ڇپيو آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ امام محدث ديبلي جو ڪتاب ڏهين صدي تائين عالمن جي دسترس ۾ هو. سيرت

نگار ڊاڪٽر محمد حميدالله موجب هن مهل تائين پاڻ سڳورن ﷺ جا پوڻا ٽي سو خط هٿ ٿي چڪا آهن جن ۾ عهدناما، امان ناما، ملڪيت ناما ۽ بيع ناما شامل آهن.

سنڌ جي عالمن جتي عربي ۾ سيرت تي ڪتاب لکي عالمي طور تي پنهنجو حصو ڳنڍيو اتي سنڌي ٻولي جي رسم الخط تيار ڪرڻ ۽ ان ۾ پهريون ڪتاب لکڻ جو اعزاز بہ سنڌ جي عالمن ڏانهن ئي وڃي ٿو. سنڌي ٻولي جي موجوده الف ب واري رسم الخط جي شروعات ڪلهوڙا دورِ حڪومت (١٧٠١-١٧٨٢ع) ۾ ٿي، جڏهن سنڌ جي عالمن عام مسلمانن ۾ ديني تعليم عام ڪرڻ واسطي سنڌي ۾ منظوم ڪتاب لکڻ شروع ڪيا. جيئن تہ هنن عربي فارسي جي رسم الخط ۾ مناسب واڌارا ڪيا ۽ ڪجهہ آوازن جي اکرن جون صورتون خود ٺاهيون، پوءِ انهي نئين لکت ۾ ڪتاب جوڙيا، تنهنڪري اهي ڪتاب سندن سنڌيون سڏجڻ لڳا.

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي (١٦٦١ع - ١٧٥٠ع) جي ڪتاب مقدمة الصلوٰت يعني ابوالحسن جي سنڌي کي سنڌي ٻولي ۾ لکيل پهريون ڪتاب مڃيو وڃي ٿو. انهي ئي دور ۾ ١١٢٧ھ ۾ سنڌ جي يگاني عالم دين شيخ الاسلام حضرت مخدوم محمد هاشم پنهور ٺٽوي رحمة الله عليه (١٦٩٢-١٧٦١ع) ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سيرت تي سنڌي ٻولي ۾ "قوت العاشقين" نالي منظوم ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن نبي پاڪ ﷺ جا ١٦٠ معجزا بيان ڪيا. هن ڪتاب کي سنڌي ٻولي ۾ سيرت پاڪ تي پهريون ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ان ڪتاب کي "مٺي مرسل جا معجزا" جي نالي سان نثري جامو پهرايو.

مخدوم صاحب رحمة الله عليه سيرت پاڪ تي عربي ٻولي ۾ لاجواب ڪتاب بذل القوة في حوادث سني النبوة پڻ لکيو. هي عالمِ اسلام ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب هو، جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جي زندگي جي واقعات کي تاريخي ترتيب سان سن وار لکيو ويو. ان ڪتاب جا ترجما "عهد نبوي کي مہ و سال" ۽ "سيرت سيد الانبياءؑ" جي نالي اردو ۾ ٿيا آهن ۽ سنڌي ترجمو ڊاڪٽر اسرار علوي صاحب "سيرت هاشمي" جي نالي

سان ڪيو آهي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي شاگرد مولوي عبدالله نرئي (ڪڇ) واري ”بدرالمنير“ ۽ ”قمرالمنير“ ۽ ”ڪنزالعبرت“ نالي سنڌي منظوم ڪتاب جوڙيا. ان کان علاوه مولوي محمد جا سيرت پاڪ تي لکيل سنڌي ڪتابن جا قلمي نسخا هن وقت انڊيا آفيس لائبريري ۾ پيا آهن.

ڪلهوڙن جي دور کان پوءِ ميرن جي دور ۾ سيرت تي سنڌي ٻولي ۾ ڪو خاص علمي ڪم ناهي ٿيو. سيرت جي ڪجھ رخن تي فارسي يا عربي ۾ ڪجھ رسالا ملن ٿا جيڪي سنڌي ۾ ترجمو ناهن ٿي سگھيا. جڏهن انگريز دور ۾ پريس آئي تہ ڪتاب ڇپجڻ لڳا. ان دور ۾ سيرت تي پهريون ڪتاب جناب لالچند امر ڏنو لکيو. ان وقت تائين سنڌي ۾ سيرت تي ڪوئي ڪتاب ڇپيل نہ هو. هو ان ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ هن جڏهن مسلمان شاگردن کان پنهنجي نبيءَ سڳوري بابت سوال ڪيا تہ ڪين ڪا خاص ڄاڻ نہ هئي، تنهنڪري هن سيرت تي هڪ جامع ڪتاب ”محمد رسول الله عرف محمد جي حياتي“ لکي ١٩١١ع ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب لکڻ ۾ سنڌ مدرسہ الاسلام ڪراچي جي فارسي معلم جناب محمد علي شاھ هن جي مدد ڪئي.

هي اهو دور هو، جڏهن انگريز سرڪار جي سرپرستي ۾ متعصب عيسائي پادري ۽ هندو پنڊت اسلام ۽ نبي ڪريم ﷺ جي ذات بابت ڪلي عام ڪتاب لکي بڪواس ڪندا هئا. لال چند صاحب ڪتاب جي تمهيد ۾ لکي ٿو تہ ان ڪتاب لکڻ کان پوءِ منهنجا دوست مونکي لال چند بدران لال محمد ڪوٺيندا هئا. هي ڪتاب جناب منور ٻٽ جديد سنڌي ۾ آندو ۽ ساهت گهر وارن ٢٠٠٤ع ۾ ٻيهر ڇپيو. ان جو اردو ۾ بہ ترجمو ٿيو.

ان کان سواءِ هوت چند ڏيئل جڳتياڻي ١٩٣١ع ۾ انجمن اشاعت اسلام لاهور پاران ڇپايل ڪتاب جو انگريزي ۾ ترجمو بنام ”اسلام جو پيغمبر“ ڪيو. واضح رهي تہ ان وقت جي حيدرآباد جي ڪليڪٽر مسٽر جي اي ٿامس صاحب جڳتياڻي صاحب کي جيل جي قيدين کي انگريزي ڪتاب جا چونڊ حصا پڙهي ٻڌائڻ تي مقرر ڪيو هو. ١٩٤٧ع ۾ جيٺو مل

پرسرام گلراجاڻي "اسلام جو پيغمبر" نالي ڪتاب انگريزي مان ترجمو ڪيو. ساڳئي سال امرلال وسڻ مل هنگوراڻي "مير محمد عربي" ڪتاب لکيو. ويڙهو مل ڪٽڻ مل "حالات نبوي عرف حيات النبي" لکيو.

لهٰذا اسان ڏسون ٿا تہ مسلمان تہ مسلمان، سنڌ جي هندو ليکڪن بہ نبي ڪريم ﷺ جي سيرت پاڪ تي ڪتاب لکي پنهنجو پاڻ ملهائيو آهي.

انگريزن جي دور ۾ هندو ليکڪن کان علاوه حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ١٩١٤ع ۾ "حيات النبي" نالي هڪ جامع ڪتاب لکيو جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جي مڪي ۽ مدني زندگي ۽ معجزات سميت غزوات جو بيان ٿيل آهي. ان کان پوءِ ٻين مسلمان عالمن سيرت تي ڪتاب لکيا جن مان مشهور ڪتابن جا نالا هي آهن: "سيرت الرسول" ممتاز علي طيباڻي (١٩٣٨ع)، "سيرت رسول" مولوي نثار احمد (١٩٣٨ع)، "رسول پاڪ" غلام محمد شهواڻي (١٩٤٠ع)، "اخلاق النبي" مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي (١٩٥٧ع)، "سيرت محمدي" محمد عثمان (١٩٤٨ع) حيدرآباد، "محمد صادق الامين" حڪيم محمد صادق طالب (١٩٤٨ع) حيدرآباد، "ڪامل رهنما" الحاج محمد صديق ميمڻ (١٩٤٩ع) حيدرآباد، "سيرت مصطفي" مولوي محمد عظيم شيدا شڪارپور. هن ڪتاب جو ڊاڪٽر حبيب الله صديقي انگريزي ۾ بہ ترجمو ڪيو آهي. "سيرت النبي"مولوي فضل احمد غزنوي بہ جلد (١٩٤٤ع)، "حالات نبوي" علي خان ، "حضرت محمد مصطفيٰ" دين محمد ، "دربار نبوي جا فرمان ۽ فيصلا" عبدالحڪيم، "رسول مقبول" حبيب الله پيٽي، "شاهه عرب" حقير ابن مگڻ، "ٻنهي جهانن جو سردار" عبدالهادي سرهيو،"دين ڪامل" مخدوم امير احمد (١٩٦٣ع) حيدرآباد، "خطبات سيرت" محمد احمد، "اسان جو پيارو آقا" مخدوم محمد صالح پيٽي.

(هلندڙ)

**مقالات سکندریہ:**

# حضرت پیر سید محمد راشد روضہ دھنی کے مطالعے میں سیرت طیبہ وشمائل نبویہ پر مشہور کتاب "شمائل ترمذی" اور شروحات کا تعارفی جائزہ

از: حافظ محمد یوسف بھنبھرو سکندری

**ا۔ تعارف:**

سرزمین سندھ کے عالم ربانی، عارف یزدانی حضرت امام العارفین پیر سید محمد راشد روضہ دھنی (۱۱۷۱ھ - ۱۲۳۴ھ) قدس سرہ کے لیے عارف باللہ خلیفہ محمود فقیر نظامانی رحمہ اللہ نے فرمایا کہ آپ کی تمام تر زندگی سیرت و سنت نبویہ علی صاحبھا الصلوات والسلام کا آئینہ تھی۔ اگر آپ نے حضور سرور عالم صلی اللہ علیہ وسلم کی سیرت طیبہ پر شمائل شریف ترمذی کا مطالعہ کیا ہے تو سمجھ لینا کہ پیر محمد راشد قدس سرہ کی تمام زندگی اس کا عملی نمونہ ہے۔

شمائل ترمذی محدث کبیر اور سنن ترمذی کے مصنف حضرت امام ابو عیسی محمد بن سورۃ الترمذی رحمہ اللہ (۲۰۹ھ - ۲۷۹) کی تصنیف ہے۔ اس کتاب مستطاب میں امام ترمذی رحمہ اللہ نے سید کائنات، صاحب لولاک، امام الانبیاء والمرسلین حضرت سیدنا محمد رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کے حلیہ مبارکہ، سیرت و شمائل، عسر و یسر، شب و روز اور سفر و حضر سے متعلقہ معلومات کو احادیث مبارکہ کی روشنی میں جمع کیا ہے۔ بنیادی طور پر یہ کتاب سیرۃ النبی صلی اللہ علیہ وسلم کے موضوع پر اپنی مثال آپ ہے۔ متعدد بزرگوں نے شمائل شریف کے شرح لکھے ہیں۔ ان میں امام ابن حجر مکی رحمہ اللہ کا اشرف المسائل معروف ہے۔

اور یہ دونوں کتابیں امام العارفین پیر سید محمد راشد کے زیر مطالعہ بھی تھیں۔ اور خانقاہ شریف پیر سید محمد راشد کو یہ اعزاز و خصوصیت حاصل رہی ہے کہ یہاں پر حضرت روضہ دھنی قدس سرہ شمائل ترمذی شریف کا باقاعدہ درس شریف دیا کرتے تھے۔ اس مقالے میں

حضرت پیر سید محمد راشد کے وسیع مطالعے اور سیرت مصطفی صلی اللہ علیہ وسلم کے ساتھ انسیت و محبت کے تناظر میں سیرت طیبہ پر اس بابرکت کتاب شمائل شریف اور اس کی شروحات کا مختصر تعارف پیش کیا گیا ہے۔

**۲۔ سیرت اور شمائل:**

کتب سیرت میں حضرت نبی کریم ﷺ سے متعلق ہر بات خوب وضاحت سے بیان کی جاتی ہے۔ مثلاً ولادت، بچپن، ہجرت، جہاد و قتال، غزوات، دشمن کی طرف سے مصائب وآلام، امہات المومنین کا بیان اور صحابہ کرام کے تذکرے وغیرہ۔ جبکہ شمائل و خصائل کی کتب میں صرف آپ ﷺ کی ذاتِ بابرکت ہی موضوع ہوتی ہے۔

امام حاکم نیشاپوری رحمۃ اللہ علیہ (م ۴۰۵ھ) نے "علوم الحدیث" میں علمِ حدیث کے اڑتالیس شعبے شمار کیے ہیں جبکہ دوسرے بعض محدثین نے اس سے بھی زیادہ تعداد بیان فرمائی ہے۔ ان میں سے ایک اہم شعبہ "شمائل" کا ہے۔ "شمائل" جمع ہے "شمال" (شین کی زیر کے ساتھ) کی جس کا معنی عادت اور خصلت ہے۔

ملا علی قاری رحمہ اللہ (م ۱۰۱۴ھ) نے "جمع الوسائل" میں یہی معنی مراد لیا ہے۔ علمِ حدیث میں شمائل سے مراد حضرت نبی پاک صاحب لولاک صلی اللہ علیہ وسلم کی عادات و خصائل مبارکہ ہیں۔ یعنی آپ صلی اللہ علیہ وسلم کا سونا، جاگنا، اٹھنا بیٹھنا، کھانا پینا، سکوت و تکلم، چلنا پھرنا، لیٹنا غرضیکہ زندگی کے شب و روز کے معمولات۔ خاص اسی موضوع پر دیگر محدثین کرام نے بھی کتب تحریر فرمائی ہیں مگر امام ترمذی رحمۃ اللہ علیہ کی کتاب تین اعتبار سے بقیہ کتبِ احادیث پر فوقیت رکھتی ہے: ایک یہ کتاب تقریباً سب سے قدیم ہے۔ دوسرا اسمیں مجموعی طور پر روایات صحیح ہیں۔ اور تیسرا یہ کتاب امام ترمذی جیسے بلندپایہ اور عظیم المرتبت محدث کی ہے۔

نوٹ: شمائل ترمذی کوئی مستقل کتاب نہیں ہے بلکہ امام ترمذی رحمۃ اللہ علیہ کی کتاب

"جامع الترمذی" کا ہی تتمہ ہے اور جامع الترمذی علمِ حدیث کی معتبر ترین چھ کتب صحاح میں پانچویں نمبر پر ہے۔ اسی سے شمائل ترمذی کی بلند رتبتی کا بھی اندازہ لگایا جاسکتا ہے۔

"شمائل ترمذی" پڑھنے والا کبھی مسکراتا اور ہنستا ہے تو کبھی روتا اور سسکیاں بھرتا ہے۔ سیّد کائنات ﷺ کے رخ زیبا کا بیان پڑھتا ہے تو دل کی کلی کھل جاتی ہے اور جب گزر اوقات پر نظر جاتی ہے تو بے اختیار آنسوؤں کی لڑیاں گرنا شروع ہو جاتی ہیں۔

**۳۔ شمائل ترمذی کا تعارف اور درجہ:**

شمائلِ رسول صلی اللہ علیہ وسلم پر کئی کتب تصنیف کی گئی ہیں، لیکن اس سلسلہ میں لکھی گئی اولین تصانیف میں سے ایک امام ترمذی رحمۃ اللہ علیہ کی یہ کتاب "الشمائل المحمدیہ" ہے۔ شمائل پر کثیر کتب موجود ہیں لیکن جو شہرتِ دوام اور مقبولیتِ عام اللہ پاک نے امام ترمذی کی اس کتاب کو عطا فرمائی ہے وہ اور کسی کتاب کو حاصل نہیں۔ ایک تحقیق کے مطابق امام ترمذی نے ۵۶ ابواب میں ۹۷ صحابہ وصحابیات سے روایت شدہ ۴۱۵ احادیث اس طرح سے لائی ہیں کہ لعل و گہر کی ایک خوبصورت لڑی بن گئی ہے۔ ان میں سے تین چوتھائی احادیث وہ ہیں جو امام ترمذی نے اپنی جامع میں بھی ذکر کی ہیں جبکہ تقریباً ایک چوتھائی احادیث وہ ہیں جو جامع ترمذی میں نہیں ہیں صرف شمائلِ ترمذی کا حصہ ہیں۔ حضرت علامہ علی قاری رحمہ اللہ علیہ نے اس کتاب پر تبصرہ کرتے ہوئے کیا ہی خوب فرمایا:

یعنی آقا کریم صلی اللہ علیہ والہ وسلم کے اخلاق اور عاداتِ مبارکہ پر امام ترمذی کی شمائل ترمذی بہت ہی زبردست کتاب ہے۔ مختصر، جامع اور مکمل۔ مطالعہ کریں تو یوں معلوم ہوتا ہے جیسے سیرتِ طیبہ کو اپنی آنکھوں سے دیکھ رہے ہیں۔ آپ کی سیرتِ طیبہ کا ہر گوشہ نظروں میں آجاتا ہے۔ سچ ہے کہ کان آنکھ سے پہلے محبت کے اسیر ہو جاتے ہیں، اسی لیے کہا جاتا ہے: وَالْأُذْنُ تَعْشَقُ قَبْلَ الْعَيْنِ أَحْيَانًا(۱)

صاحب مواہب لدنیہ امام احمد قسطلانی جو شمائل ترمذی کے محشی ہیں، لکھتے ہیں کہ:

"امام ترمذی کی جامع تمام حدیثی اور فقہی فوائد اور سلف وخلف کے مذاہب کی جامع ہے، مجتہد کے لیے کافی ہے اور مقلد کو دوسری کتابوں سے بے نیاز کرنے والی ہے، اور جس گھر میں یہ جامع ہو، تو گویا اس گھر میں خود نبی پاک صاحب لولاک بات کر رہا ہے"۔

المواہب اللدنیۃ علی الشمائل المحمدیہ للباجوری میں ہے: "وَنَاهِيكَ بِجامِعَةِ الجامِعِ لِلفَوائِدِ الحَديثِيَّةِ وَالفِقْهِيَّةِ وَالمَذاهِبِ السَّلَفِيَّةِ وَالخَلَفِيَّةِ»، فَهُوَ كافٍ لِلمُجتَهِدِ، مُغْنٍ لِلمُقَلِّدِ. قالَ المُصَنِّفُ: «مَنْ كانَ في بَيْتِهِ هذا الكِتابُ ـ يَعني الجامِعَ ـ فَكَأَنَّما في بَيْتِهِ النَّبِيُّ ﷺ يَتَكَلَّمُ". (۲)

### ۴۔ شمائل ترمذی کے موضوعات:

شمائل ترمذی شریف کے موضوعات میں حضرت سیدنا رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کے حلیہ مبارک کا بیان۔ مہر نبوت کا بیان۔ مبارک بالوں کا بیان۔ کنگھی کرنے کا بیان۔ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کے سفید بالوں کا بیان۔ سرمہ (لگانے) کا بیان۔ لباس انور کا بیان۔ موزوں کا بیان۔ نَعلِ رَسول اللہ یعنی پاپوش مبارک کا بیان۔ انگوٹھی مبارک کا بیان۔ دائیں ہاتھ میں انگوٹھی پہننا۔ تلوار کا بیان۔ زرہ کا بیان۔ خود مبارک کا بیان۔ عمامہ شریف کا بیان۔ لنگی مبارک کا بیان۔ رفتار مبارک کا بیان۔ سر مبارک کے کپڑے کا بیان۔ بیٹھنے کی کیفیت۔ تکیہ مبارک کا بیان۔ کسی کے سہارے ٹیک لگانا۔ کھانا کھانے کا بیان۔ روٹی کا بیان۔ سالن کا بیان۔ کھانا کھانے سے پہلے اور بعد کی دعاؤں کا بیان۔ پیالے کا بیان۔ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کے میوہ جات تناول فرمانے کا بیان۔ مشروبات کا بیان۔ پینے کا طریق کار۔ خوشبو استعمال کرنے کے بیان میں۔ کلام شریف کرنے کا انداز۔ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کے مسکرانے کا بیان۔ مزاح وخوش طبعی اور کا طریقہ۔ اشعار کہنے کا انداز۔ رات کے وقت گفتگو کرنا۔ سونے کا بیان۔ عبادت کا بیان۔ نماز ضحیٰ (چاشت) کا بیان۔ گھر میں نفلی نماز کا بیان۔

روزوں کا بیان۔ اندازِ قراءت کا بیان۔ گریہ وزاری کا بیان۔ بستر کا بیان۔ انکساری کا بیان۔ اخلاق حسنہ کا بیان۔ حیاء کا بیان۔ سینگی لگوانے کا بیان۔ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کے اسمائے گرامی کا بیان۔ معیشت کا بیان۔ عمر مبارک کا بیان۔ وصال شریف کا بیان۔ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کی وراثت کا بیان۔ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کو خواب میں دیکھنے کا بیان۔

### ۵۔ شمائل ترمذی کے چند مشہور شروحات:

شمائل ترمذی شریف کے دنیا کی مختلف زبانوں میں سینکڑوں شروحات لکھے گئے ہیں، عربی میں بعض مشہور شروحات مندرجہ ذیل ہیں:

زہر الخمائل علی الشمائل از حافظ جلال الدین سیوطی (م ۹۱۱ھ)، شرح شمائل از مولانا عصام الدین اسفرائنی (م ۹۴۳ھ)۔ اشرف الوسائل فی شرح الشمائل: از امام احمد بن محمد بن علی الہیتمی ابن حجر مکی (م ۹۷۳ھ)۔ جمع الوسائل فی شرح الشمائل از امام علی بن سلطان القاری المعروف بہ ملا علی القاری (م ۱۰۱۴ھ)۔ شرح الشمائل للترمذی از امام زین الدین محمد بن عبد الرؤف بن علی المناوی (م ۱۰۳۱ھ)۔ شرح الشمائل للترمذی از امام سلطان بن احمد المصری المزاجی (م ۱۰۷۵ھ)۔ الوفاء لشرح شمائل المصطفیٰ ز امام علی بن ابراھیم الحلبی صاحب السیرۃ الحلبیہ (م ۱۰۴۴ھ)۔ روضۃ النبی فی الشمائل از امام حبیب اللہ قنوجی (م ۱۱۴۰ھ)۔ تحفۃ الاخیار علی شمائل المختار از امام ابی الحسن علی بن محمد الحریشی الفاسی (م ۱۱۴۲ھ)۔ اسنی الوسائل بشرح الشمائل از امام اسماعیل بن محمد العجلونی الدمشقی (م ۱۱۶۲ھ)۔ شرح الشمائل للترمذی از امام حسن بن عبد اللہ البخشی الحلبی (م ۱۱۹۰ھ)۔ عنوان الفضائل فی تلخیص الشمائل از امام محمد بن مصطفیٰ البکری (م ۱۱۹۶ھ)۔ الفوائد البھیۃ علی الشمائل المحمدیۃ از امام محمد بن القاسم المغربی ابن الجسّوس (م ۱۲۰۰ھ)۔ المواھب المحمدیۃ بشرح الشمائل الترمذیۃ از امام سلیمان بن عمر المعروف بِالجمل (م ۱۲۰۴ھ)۔ المواھب اللدنیۃ علی الشمائل المحمدیۃ از امام ابراھیم بن محمد الباجوری (م ۱۲۷۷ھ) وسائل الوصول

الی شمائل الرسول: امام یوسف بن اسماعیل النبہانی (م ۱۳۵۰ھ) وغیرہم

**٦۔ اشرف الوسائل الی فہم الشمائل:**

اشرف الوسائل الی فہم الشمائل امام احمد بن حجر ہیتمی مکی (م ۹۷۴ھ) نے علم شمائل محمدیہ (نبی اکرم ﷺ کی صفات و خصائص) پر ایک اہم کتاب تصنیف کی ہے، جو امام ابو عیسیٰ محمد ترمذی کی مشہور کتاب الشمائل المحمدیۃ کی شرح ہے۔(۳)

امام ابن حجر ہیتمی اپنی کتاب کی ابتدا میں فرماتے ہیں:

" یہ ایک مختصر سی کاوش ہے، جو میں نے امام حافظ ابو عیسیٰ محمد بن سورہ الترمذی کی کتاب الشمائل کے مشکل مقامات کی وضاحت کے لیے پیش کی ہے۔ یہ کتاب رمضان المبارک ۹۴۹ ہجری میں مسجد الحرام میں میرے سامنے پڑھی گئی اور میں نے اس کا نام رکھا: "أشرف الوسائل إلى فهم الشمائل" (یعنی: شمائل نبوی کو سمجھنے کے لیے اعلیٰ ترین وسائل)، میں اللہ تعالیٰ سے اس کتاب کے قبول ہونے کی دعا کرتا ہوں، آمین۔" یہ کتاب شمائل نبوی کے فہم کے لیے نہایت مؤثر اور عظیم علمی خدمت شمار ہوتی ہے۔(۴)

**۷۔ اشرف الوسائل اور پیر صاحب روضہ دھنی:**

حضرت مرشدنا امام العارفین پیر سید محمد راشد قدس سرہ کے مطالعے میں علامہ ابن حجر کی تصنیف کردہ شمائل ترمذی کی یہ بہترین شرح اشرف الوسائل بھی زیر مطالعہ رہی ہے۔

پیر صاحب روضہ دھنی قدس سرہ اپنے ایک مکتوب شریف میں حضور سرور دوعالم صلی اللہ علیہ وسلم کی مہر نبوت شریف اور انگوٹھی شریف کے موضوع پر مخدوم پیر محمد ڈیپارجہ والے کے سوال کے جواب میں شمائل ترمذی اور اس کی جن شروحات سے استفادہ کیا ہے ان میں امام ابن حجر کی شرح اشرف الوسائل بھی شامل ہے۔(۵)

**۸۔ جمع الوسائل اور پیر صاحب روضہ دھنی:**

شمائل ترمذی پر علامہ علی قاری حنفی کا مشہور شرح جمع الوسائل شرح الشمائل بھی

حضرت پیر سید محمد راشد قدس سرہ کے زیر مطالعہ رہا ہے۔ آپ نے ایک مکتوب شریف میں حضور سرور عالم صلی اللہ علیہ وسلم کے اعلان نبوت سے پہلے غار ثور میں خلوت نشینی اور عبادت کے ذکر میں شرح شمائل علامہ علی قاری کا حوالہ دیا ہے۔(٦)

**۹۔ خانقاہ روضہ دھنی پر شمائل ترمذی کے درس کا معمول:**

حضرت پیر سائیں سید محمد راشد قدس سرہ نہ فقط شمائل ترمذی شریف اپنے مطالعے میں رکھتے تھے بلکہ خانقاہ عالیہ پر جماعت مریدین کو شمائل شریف کا درس دیتے تھے اور اپنے صاحبزدگان کو بطور سبق بھی خود پڑھاتے تھے۔ جیسے صاحبزادہ والاتبار میاں محمد شاہ قدس سرہ نقل بیان کرتے ہیں کہ ایک دفعہ حضرت مرشدنا قدس سرہ مسجد شریف کے صحن میں پیلو کے درخت کے نیچے ہمیں "کتاب شمائل نبوی" شریف کا درس و سبق پڑھا رہے تھے ۔۔۔"(۷)

**۱۰۔ حرف آخر:**

سیرت طیبہ اور شمائل نبویہ علی صاحبہا الصلوات والسلام کے مطالعے کا موضوع ایک ایمان افروز اور روح پرور موضوع ہے۔ ہمارے اولیاء و اکابرین اور علماء و مشائخین نے ہر دور میں سیرت و سنت نبویہ علی صاحبہا الصلوات والسلام کا خود مطالعہ کیا، اس پر عمل کیا اور اپنے طلبہ، مریدین، معتقدین، متوسلین کو بھی سیرت شریف کے انوار و تجلیات اور برکات سے منور و مستفیض فرما کر یہ پیغام دیا کہ سیرت طیبہ اور فضائل و شمائل سید الانبیاء والمرسلین صلی اللہ علیہ وسلم کا مطالعہ اور اس پر پوری طرح عمل پیرا ہونا امت کے لیے فلاح و نجات کا ذریعہ ہے۔ آج امت مسلمہ اور بالخصوص نوجوانان اسلامیہ کو سیرت طیبہ اور شمائل نبویہ کے مطالعے کی طرف راغب کرنے کی اشد ضرورت ہے۔ ہماری مساجد و مدارس میں بھی باقاعدہ سیرت و شمائل کے درس و تدریس کے اہتمام کی بھی سخت ضرورت ہے۔ حضرت امام العارفین پیر سید محمد راشد قدس سرہ بھی سیرت و سنت نبویہ کے اس قدر

عاشق و عامل تھے کہ اپنی عملی زندگی میں سیرت طیبہ کے ایک ایک پہلو سے استفادہ فرمایا اور ایک ایک سنت مبارکہ پر عمل کیا۔ گویا امام ترمذی کی شمائل شریف کے عامل اور عملی مظہر تھے۔ عارف باللہ خلیفہ محمود فقیر نظامانی رحمہ اللہ فرماتے ہیں:

جان و جسم مصطفی بود آں امام زاں سبب یک قول و فعل آمد تمام

ہر کہ خواہد سیرتش را آگہی گو شمائل رابخوان در صبح و شام

یعنی: حضرت مرشد معظم پیر سید محمد راشد قدس سرہ کا جسم و جان عین حضور سرور عالم صلی اللہ علیہ وسلم کا جسم و جان تھا۔ اس لیے کہ آپ کا ہر قول و فعل حضور سرور عالم صلی اللہ علیہ وسلم کے قول و فعل سے ایک تھا۔ جو شخص حضرت مرشد معظم کی سیرت و معمولات سے آگاہ و واقف ہونا چاہتا ہے، اسے کہو کہ جا کر صبح و شام شمائل شریف کا مطالعہ کرے کیونکہ آپ شمائل نبویہ کا عملی نمونہ اور مظہر تھے۔۔(۸)

**ماخذ و مراجع:**


ا۔ جمع الوسائل: علامہ علی قاری حنفی۔ ص 1 / 2

۲۔ المواہب اللدنیۃ علی الشمائل المحمدیہ للباجوری تحت قولہ: الترمذی، ج:1، ص:14، ط: مطبعۃ الاستقامۃ - مصر

۳۔ ایاد خالد الطباع: الامام الترمذی۔ الحافظ الناقد، فقیہ السلف، وجامع السنن۔ دار القلم دمشق

۴۔ سعیدی ہزاروی محمد صدیق علامہ: ترجمہ جامع ترمذی مع شمائل ترمذی۔ پروگریسو بکس لاہور

۵۔ سعید امتیاز احمد: امام ترمذی۔ سوانح و تصانیف۔ مکتبہ عثمانیہ لاہور۔

۵۔ مکتوبات شریف پیر سید محمد راشد: مکتوب ۳۱

۶۔ مکتوبات شریف پیر سید محمد راشد: مکتوب ۳

۷۔ نظامانی محمود فقیر خلیفہ: مجمع الفیوضات شریف: باب سوم۔ فصل بے ادبوں کی تنبیہ۔ نقل ۲۷

۸۔ نظامانی محمود فقیر خلیفہ: مجمع الفیوضات شریف۔ باب دوم۔ متابعت

# اخلاق مصطفیٰ ﷺ

ابو البقا شیر از علی سکندری

اللہ پاک جل جلالہ نے اپنے حبیب ﷺ کے اخلاقِ کریمہ کے بارے میں ارشاد فرمایا:

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ [القلم:4] ترجمہ: اور بیشک تم یقیناً عظیم اخلاق پر ہو۔

یاد رکھئے! اخلاق کا مفہوم وہ نہیں جو ہم سمجھتے ہیں، بلکہ انسان کی تمام عادتیں سونا جاگنا اٹھنا بیٹھنا بولنا سننا، کھانا، پینا، کاروبار، تجارت، صنعت و حرفت، محنت و مزدوری، لین دین، معاملات، خوشی غمی، انفرادی زندگی، ازدواجی زندگی، اجتماعی زندگی سب اخلاق میں شامل ہے۔

یوں سمجھئے اللہ رب العزت نے اس آیت مبارکہ میں آپ کی سیرت کے ایک ایک لمحے اور ایک ایک پہلو کو عظمت اور فضیلت والا قرار دیا ہے۔ اور آپ ﷺ کا خُلق عظمت والا، شان والا اور تمام لوگوں سے اعلیٰ و ارفع کیوں نہ ہو۔ صحیح مسلم اٹھایئے حضرت سعد بن ہشام نے حضرت عائشہ صدیقہ رضی اللہ تعالی عنہا سے پوچھا اے ام المؤمنین! مجھے رسول اللہ ﷺ کا اخلاق تو بتاؤ۔ تو صدیقہ کائنات اُمّ المؤمنین رضی اللہ تعالی عنہا جواب ارشاد فرماتی ہیں:

كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآنُ "رسول اللہ ﷺ کا اخلاق قرآن کریم تھا"۔

[صحیح مسلم کتاب صلاۃ المسافرین باب جامع صلاۃ اللیل ١٧٣٩ و مسند احمد (٦/٩١) (٢٤٦٤٥) و شعب الایمان (١/٢٠٦) صحیح]

غور فرمایئے! آپ کا اخلاق کیوں نہ عظمت والا ہو، آپ کا اخلاق و کردار، آپ کی سیرت و عادات، وہ ساری خوبیاں اور خصلتیں آپ میں موجود تھیں اور جو ناپسندیدہ عادات وافعال چھوڑنے کا قرآن نے حکم دیا آپ ان تمام بری عادتوں بری خصلتوں اور ناپسندیدہ اعمال سے مبرا اور پاک تھے اس لیے کائنات کا رب قسمیں اٹھا کے اعلان کرتا ہے:

﴿وَإِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيمٍ﴾

مضمون تو بہت طویل ہے لیکن میں مختصر انداز میں اخلاق مصطفی ﷺ کی ایک جھلک لکھنے کی کوشش کرتا ہوں۔ یاد رکھیے تین ہی چیزیں ہیں جن سے کسی انسان کے اخلاق کا پتہ چلتا ہے: 1۔ زبان 2۔ دل 3۔ دیگر اعضاء بدن

رسول اللہ ﷺ زبان میں بھی سب سے پاکیزہ دل کے اعتبار سے بھی سب سے ستھرے اور باقی اعضاء مبارکہ کے حوالے سے بھی سب سے بڑھ کر اچھے اخلاق والے تھے۔

**1۔ زبان:** حضرت انس رضی اللہ تعالی عنہ بیان کرتے ہیں:

**لَمْ يَكُنْ رَسُولُ الله لا فَاحِشًا وَلَا لَعَّانًا وَلَا سَبَّابًا كَانَ يَقُولُ عِنْدَ الْمَعْتَبَةِ: مَالَه تَرِبَ جَبِينُه** [ صحیح البخاری، کتاب المناقب، باب صفۃ النبی ﷺ ۳۵۵۹]

"کہ رسول اللہ ﷺ نہ فحش گو تھے نہ لعنت کرنے والے تھے اور نہ ہی گالی گلوچ کرتے تھے آپ ﷺ ناراضگی کے وقت فرمایا کرتے اسے کیا ہے؟ اس کی پیشانی خاک آلود ہو۔"

صحیح مسلم میں ہے۔ حضرت ابو ہریرہ رضی اللہ تعالی عنہ بیان کرتے ہیں آپ ﷺ سے عرض کیا گیا اے اللہ کے رسول! کیا آپ مشرکین پر خلاف دعا نہیں فرمائیں گے۔ تو آپ ﷺ نے فرمایا: **أَنِّي لَمْ ابْعَثْ لَعَّانًا، وَإِنَّمَا بُعِثْتُ رَحْمَةً**

"مجھے لعنت کرنے والا بنا کر نہیں بھیجا گیا بلکہ مجھے تو رحمت بنا کر بھیجا گیا ہے۔"

اور بخاری و مسلم کی روایت ہے: حضرت انس رضی اللہ تعالی عنہ کہتے ہیں کہ میں نے دس سال تک رسول اللہ ﷺ کی خدمت کی (اس دوران) آپ ﷺ نے مجھے کبھی اُف تک نہ کہا کہ تم نے یہ کام کیوں کیا اور یہ کام کیوں نہیں کیا؟ [صحیح مسلم، کتاب البر والصلۃ باب النہی عن لعن الدواب وغیرہا، رقم: ۶۶۱۳]

صحیح مسلم میں ہے: آپ ﷺ جب رات کے وقت اپنے گھر تشریف لاتے تو بڑی آہستہ آواز میں سلام کہتے تھے تاکہ جو بیدار ہے وہ سن کر جواب دے اور جو سویا ہوا ہے اس

کی نیند خراب نہ ہو۔[صحیح مسلم، کتاب الفضائل، باب حسن خلقه ۲۳۰۹]

کیسا عظیم اخلاق ہے کہ آپ اپنی زبان سے کلمہ سلام کہتے ہوئے بھی اس بات کو ملحوظ رکھتے کہ کسی کو تکلیف نہ ہو لیکن آج ہمارا حال کیا ہے؟ ہم تو زبان سے بڑی شدید قسم کی تکلیفیں اور اذیتیں دیتے ہیں گالیاں دیتے ہیں، غیبتیں کرتے ہیں، برے القاب سے مخاطب کرتے ہیں۔

غزوہ حنین سے واپسی پر ایک جگہ دیہاتی قسم کے کچھ لوگ آپ ﷺ سے چمٹ کر سوال کرنے گئے حتی کہ آپ بھی ان سے بچتے بچتے بیری کے ایک درخت سے جا لگے اور آپ ﷺ کی چادر مبارک درخت کے کانٹوں کے ساتھ اٹک گئی تو آپ ﷺ نے (ناراض اور غضبناک ہونے کی بجائے بڑے پیار بھرے انداز میں) فرمایا: ”لوگو! مجھے میری چادر تو دے دو اگر میرے پاس اس درخت کے کانٹوں کی تعداد میں اونٹ ہوتے تو میں وہ سارے اونٹ تمہارے درمیان تقسیم کر دیتا اور تم مجھے بخیل، جھوٹا اور بزدل ہر گز نہ پاتے۔“

[صحیح البخاری، کتاب فرض الخمس، باب ماکان النبی ﷺ یعطی المؤلفة الخ]

خادم رسول حضرت انس بن مالک رضی اللہ تعالی عنہ بیان کرتے ہیں: میں نبی ﷺ کے ساتھ چل رہا تھا اور آپ کے اوپر سخت کنارے والی نجرانی چادر تھی ایک دیہاتی آیا اس نے چادر کو پکڑ کر زور سے کھینچا حتی کہ میں نے نبی ﷺ کی گردن مبارک کی چوڑائی میں چادر کے کنارے کا نشان دیکھا، پھر وہ دیہاتی کہنے لگا: میرے لیے اللہ کے اس مال میں سے حکم جاری کیجئے جو آپ کے پاس ہے تو آپ ﷺ نے (ناراض ہونے کی بجائے) اس کی طرف مڑ کر دیکھا اور مسکرا دیئے اور پھر اس کے لیے وافر عطیے کا آرڈر جاری فرمایا۔

[صحیح البخاری، کتاب فرض الخمس وکتاب اللباس، باب البرود والحبرة والشملة) ۵۸۰۹]

حضرت عبد اللہ بن مسعود رضی اللہ تعالی عنہ بیان کرتے ہیں حنین کے دن رسول اللہ ﷺ نے مال تقسیم کرنے میں (کسی ضروری مصلحت کے تحت) بعض لوگوں کو ترجیح دی۔

آپ نے اقرع بن حابس کو سو اونٹ دیئے عیینہ کو بھی سو اونٹ دیئے اسی طرح

عرب کے کچھ سرداروں کو ترجیحی بنیادوں پر مال دیا۔ تو ایک شخص نے کہا: اللہ کی قسم! اس تقسیم کے ذریعے اللہ کی رضا نہیں ڈھونڈی گئی اور اس تقسیم میں عدل و انصاف نہیں کیا گیا۔ حضرت عبد اللہ بن مسعود رضی اللہ تعالی عنہ کہتے ہیں: میں نے جب اس شخص کی بات سنی تو کہا کہ میں یہ خبر ضرور نبی کریم ﷺ کو پہنچاؤں گا۔ چنانچہ میں دربار نبوت میں حاضر ہوا اور ساری خبر سنادی۔ تو رسول اللہ ﷺ نے فرمایا:

”جب اللہ اور اس کا رسول عدل نہیں کرے گا تو کون عدل کرے گا؟ اللہ جل جلالہ موسیٰ علیہ السلام پر رحم فرمائے۔ انہیں اس سے بھی زیادہ ستایا گیا تھا لیکن انہوں نے صبر ہی کیا تھا لہذا میں بھی صبر ہی کرتا ہوں۔“ [صحیح البخاری، کتاب فرض الخمس، باب ما كان النبی ﷺ یعطی]

ان احادیث مبارکہ سے واضح ہوتا ہے کہ غصے اور ناراضگی کے مواقع پر بھی آپ کی زبان مبارک بڑی پاکیزہ شیریں شائستہ اور اعلیٰ تھی۔

2۔ **دل**: آپ ﷺ کی دلی خوبیاں دلی جذبات و احساسات اور تمام دلی خصلتیں انتہائی باکمال اور بے مثال لاجواب انوکھی منفرد اور اعلیٰ تھیں۔ چند مثالیں عرض کرتا ہوں۔

**شجاعت**: حضرت انس رضی اللہ تعالی عنہ کہتے ہیں کہ رسول اللہ ﷺ (اخلاق اور شکل کے لحاظ سے تمام لوگوں سے) بڑھ کر حسین تھے۔ تمام لوگوں سے زیادہ سخی اور تمام لوگوں سے زیادہ بہادر تھے۔ ایک رات اہل مدینہ (دشمن کی آواز سن کر) گھبرا گئے۔ لوگ آواز کی جانب لپکے وہاں انہوں نے نبی کریم ﷺ کو موجود پایا۔ آپ ﷺ تمام لوگوں سے پہلے آواز کی جانب پہنچ گئے تھے اور آپ فرما رہے تھے ڈرو نہیں ڈرو نہیں آپ ﷺ ابو طلحہ رضی اللہ تعالی عنہ کے گھوڑے کی ننگی پیٹھ پر سوار تھے اس پر زین نہ تھی۔ اور آپ کی گردن میں تلوار لٹک رہی تھی پھر آپ ﷺ نے فرمایا: میں نے اس گھوڑے کو نہایت تیز رفتار پایا ہے۔ [صحیح البخاری (۲۸۲۰) و صحیح مسلم، کتاب الفضائل، باب في شجاعة النبی ﷺ و تقدمه للحرب (٦٠٠٦) والترمذی (١٦٨٧) وابن ماجه ۲۷۷۲]

کیسی شجاعت و بہادری ہے کہ آپ سارے لوگوں سے قبل خطرے والی آواز کی طرف پہنچے۔ اسی طرح غزوہ احد اور غزوہ حنین میں جب مسلمانوں نے وقتی شکست کھائی اور میدان چھوڑ کر بھاگ نکلے۔ رسول اللہ ﷺ تنہا ڈٹے رہے۔ دشمن کی صفیں چیرتے ہوئے آگے بڑھتے گئے حتی کہ آپ کی یہ شجاعت و بہادری دیکھ کر بھاگنے والے بھی پلٹ آئے اور اللہ نے شکست فتح میں تبدیل کر دی۔

**سخاوت:** نبی اکرم ﷺ کا قلب اطہر جذبہ جود و سخا سے اس قدر معمور تھا کہ آپ ﷺ کو مال غنیمت میں سے جو خمس (پانچواں حصہ) ملتا تھا آپ وہ بھی زیادہ تر لوگوں میں بانٹ دیتے اور خالی چادر فضاء میں لہرا کر کہتے: ”یا اللہ گواہ ہو جا محمد (ﷺ) نے سب کچھ تیری راہ میں تقسیم کر دیا ہے۔ اور خالی چادر لے کر گھر جا رہا ہے۔“

اور آپ ﷺ خود فرمایا کرتے تھے: "بعض لوگ سائل بن کر آ جاتے ہیں اور میں انہیں پہچانتا ہوں کہ وہ حقدار نہیں لیکن میں اس کے باوجود انہیں دے دیتا ہوں۔“

لوگوں نے عرض کیا: جب آپ انہیں حقدار نہیں سمجھتے تو آپ انہیں کیوں دیتے ہیں؟ تو آپ ﷺ نے فرمایا: "وہ سوال سے باز نہیں آتے اور اللہ میرے لیے بخل کو پسند نہیں کرتا۔“

حضرت جابر رضی اللہ تعالی عنہ بیان کرتے ہیں: رسول اللہ ﷺ نے کبھی بھی کسی مانگنے والے کو نفی میں جواب نہیں دیا (ہاں اگر پاس مال ہوتا تو دے دیتے اور اگر نہ ہوتا تو پھر بھی دینے کا وعدہ فرما لیتے تھے۔

[ صحیح البخاری، کتاب الأدب، باب حسن الخلق والسخاء رقم: ۶۰۳۴ و مسلم رقم ۶۰۱۸ ]

**تقویٰ:** آپ ﷺ فرمایا کرتے تھے: **أَمَا وَاللَّهِ إِنِّي أَخْشَاكُمْ لِلَّهِ وَأَتْقَاكُمْ**

[ صحیح البخاری، کتاب النکاح، باب الترغیب في النکاح رقم ۵۰۶۳ و مسلم رقم ۳۴۰۳ ]

”خبردار! میں تم سب سے بڑھ کر اللہ سے ڈرنے والا اور تقوی اختیار کرنے والا ہوں۔“

معلوم ہوا آپ ﷺ تقویٰ و پرہیز گاری میں تمام لوگوں میں سے سرفہرست ہیں۔

**خیر خواہی و ہمدردی:** حضرت انس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کہتے ہیں کہ رسول اللہ ﷺ جب صبح کی نماز ادا کر لیتے تو اہل مدینہ کے خُدّام (غلام اور لونڈیاں) اپنے برتنوں میں پانی لے کر آپ ﷺ کے ہاں پہنچ جاتے جو شخص بھی برتن لے کر آتا آپ ﷺ (برکت کے لیے) اس میں اپنا ہاتھ ڈبوتے۔ کبھی ایسا بھی ہوتا کہ وہ سردی (کے موسم) میں صبح سویرے ہی پانی کے برتن لے آتے (پھر بھی) آپ ﷺ (برکت کے لیے) اپنا ہاتھ پانی میں ڈال دیتے۔

[ صحیح مسلم، کتاب الفضائل، رقم:۲۰۴۴]

غور فرمایئے! آپ ﷺ دوسروں کی بھلائی اور فائدے کی خاطر خود تکلیف برداشت کر لیتے تھے اور آپ ﷺ کی یہی ہمدردی و خیر خواہی دعوت دین میں کار فرما تھی کہ آپ کی یہ گالیاں دینے والوں، ظلم و تشدد کرنے والوں اور طرح طرح کی اذیتیں دینے والوں کی بھی ہمدردی کرتے اور انہیں دین کی بات سمجھاتے تھے۔

**حیاء:** بخاری و مسلم کی روایت ہے۔ حضرت ابو سعید خدری رضی اللہ تعالیٰ عنہ بیان کرتے ہیں کہ نبی کریم ﷺ پردے میں رہنے والی کنواری لڑکی سے بھی زیادہ باحیا تھے۔ جب آپ کسی ناپسندیدہ کام کو دیکھتے تو ہم اسے آپ ﷺ کے چہرے (کے اثرات) سے پہچان لیتے تھے۔[ صحیح البخاری، کتاب المناقب، باب صفۃ النبی ۳۵۶۲]

ہائے افسوس! اس قدر حیاء دار پیغمبر کا کلمہ پڑھنے والے آج بے حیائی اور فحاشی و عریانی کی دلدل میں ڈوب گئے اور شرم و حیاء کا دامن چھوڑ دیا اور اس میدان میں امیر و غریب حاکم و محکوم عوام و خواص اور مرد و زن سب برابر نظر آ رہے ہیں اللہ ہم سب کو ہدایت دے۔

**دل کی صفائی:** آپ ﷺ نے صحابہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کو مخاطب کر کے فرمایا:

”مجھے لوگوں کی برائیاں نہ بتایا کرو۔ میں چاہتا ہوں کہ سب کے متعلق صاف دل لے کر تمہاری طرف آؤں۔“[سنن ابی داوٗد، کتاب الأدب باب فی رفع الحدیث من المجلس، رقم:۴۸۶۰]

اور دل کی تمام قسم کی بری خصلتوں سے آپ کا دل مُبَرّا اور پاک تھا۔ نہ حسد نہ بغض نہ کینہ نہ بزدلی نہ بخل نہ حرص و طمع ہاں آپ کا حرص و طمع خصوصی تھا۔ کیسا طمع، کیسا حرص ﴿حَرِيصٌ عَلَيْكُم﴾ کہ لوگ ایمان لے آئیں، لوگ اپنی اصلاح کر لیں جہنم سے بچ جائیں۔ جنت میں چلے جائیں۔ پس آپ کے دل میں صرف یہی طمع تھا اور یہ طمع اس قدر زیادہ تھا کہ رب کائنات نے آپ کو بار بار تسلی دی کہ لوگوں کی گمراہی و ضلالت کا وبال قطعًا آپ پر نہیں پڑے گا لہٰذا آپ اتنے فکر مند نہ ہوں۔

3۔ **دیگر اعضاء مبارکہ ہاتھ پاؤں وغیرہ:** حضرت عائشہ رضی اللہ تعالی عنہا بیان کرتی ہیں کہ نبی ﷺ نے نہ کبھی کسی جاندار چیز کو (یعنی مرد کو) نہ کسی عورت کو اور نہ ہی کسی خادم کو اپنے ہاتھ کے ساتھ مارا البتہ اللہ تعالی کی راہ میں جہاد کرتے ہوئے (کوئی آپ ﷺ کے ہاتھوں مارا جاتا) اور ایسا کبھی نہیں ہوا کہ کسی شخص سے بھی آپ کو کچھ تکلیف پہنچی ہو اور آپ ﷺ نے اس سے انتقام لیا ہو۔ البتہ جب اللہ تعالی کی حرمتوں کو پامال کیا جاتا تو پھر آپ ﷺ اللہ تعالی کی رضا کے لیے انتقام لیتے تھے۔

[صحیح البخاری کتاب المناقب باب صفۃ النبی، رقم: ۳۵۶۰ و مسلم ۶۰۴۵]

اللہ اکبر! خود تو کبھی کسی سے بدلہ نہ لیا، لیکن حیات مبارکہ کے آخری ایام میں اپنے آپ کو بدلے کے لیے پیش کر دیا اور فرمایا: "لوگو! میں نے جس کسی کو کسی قسم کی تکلیف دی ہو وہ آ کے مجھ سے بدلہ لے لے میں بدلہ دینے کے لیے حاضر ہوں۔" [الرحیق المختوم ص ۷۴۵]

**گھر والوں کی خدمت:** حضرت اسود رضی اللہ تعالی عنہ بیان کرتے ہیں کہ میں نے عائشہ رضی اللہ تعالی عنہا سے دریافت کیا کہ نبی ﷺ گھر میں کیا کرتے تھے؟ انہوں نے جواب دیا: آپ ﷺ اپنے گھر والوں کی ضرورتوں کو پورا کرنے میں (یعنی گھریلو کاموں میں گھر والوں کی معاونت کرنے میں) مشغول رہتے تھے اور جب نماز کا وقت ہو جاتا تو آپ ﷺ نماز کے لیے چلے جاتے تھے۔

[ صحیح البخاري کتاب الاذان باب من کان في حاجۃ تعلم الخ
رقم ٦٧٦، واحمد (٦/٢٥٦)(٦١٩٤) وابن حبان ٥٦٧٥ ]

آج اول تو ہم بد اخلاق ہو چکے ہیں۔ ہمارے کردار و اخلاق میں بھلائی اور اچھائی نہیں رہی۔ اور اگر اخلاق کا کچھ حصہ ہمارے پاس ہے تو وہ بھی جزوی اور جانبدارانہ کسی کا اخلاق دوستوں کے لیے باقیوں کے لیے بد اخلاقی کسی کا اخلاق بیوی کے لیے اور ماں باپ سے لڑائی کسی کا اخلاق رشتہ داروں کے لیے اجنبیوں سے ناراضگی۔ کسی کا اخلاق اپنے گھر والوں کے لیے باہر والوں سے غصہ اور کسی کا اخلاق باہر والوں سے اور گھر میں غصہ۔

لیکن امام الانبیاء، سید ولد آدم، ناطق وحی، شافع محشر، جناب محمد رسول اللہ ﷺ ایسے خُلُقِ عظیم کے مالک تھے کہ آپ کا اخلاق اپنوں بیگانوں دوستوں اجنبیوں گھر والوں اور باہر والوں سب کے لیے تھا اور آپ کا اخلاق تمام امور زندگی میں بے مثال اور عمدہ تھا۔

آپ ﷺ اگر غصے کا اظہار کرتے تو وہ بھی بر موقع، آپ اگر ناراض ہوتے تو وہ بھی انتہائی مناسب، آپ اگر ڈانٹتے تو وہ بھی انتہائی موزوں اور آپ اگر کبھی کوئی سخت بات کرتے تو وہ بھی ضرورت کے عین مطابق غرضیکہ آپ کی ہر اک ادا پیاری اور موقع کے مناسب و موافق تھی۔

اور ایسا کیوں نہ ہوتا؟ آپ ﷺ تو قیامت تک آنے والے تمام لوگوں کے لیے بہترین اسوہ نمونہ اور مشتعل ہدایت ہیں۔

**اَخلاقِ حَسنہ کی تعلیم:** حضور ﷺ کے اخلاقِ کریمہ کی عظمت و بزرگی کا ایک پہلو اس سے بھی واضح ہوتا ہے کہ آپ نے اپنی امت کو بھی اَخلاقِ حَسنہ اپنانے کی تعلیم اور ترغیب دی ہے، اس سے متعلق یہاں 4 اَحادیث ملاحظہ ہوں،

... (1) حضرت جابر بن سمرہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ سے روایت ہے، حضور ﷺ نے ارشاد فرمایا: ”مسلمانوں میں سب سے زیادہ اچھا وہ ہے جس کے اَخلاق سب سے زیادہ اچھے ہیں۔

(مسند امام احمد، مسند البصریین، حدیث جابر بن سمرة، ۷ / ۴۱۰، الحدیث: ۲۰۸۷۴)

(2) حضرت ابو ہریرہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ سے روایت ہے، حضورِ اقدس صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم نے ارشاد فرمایا: ''بندہ حسنِ اخلاق کی وجہ سے دن میں روزہ رکھنے اور رات میں قیام کرنے والوں کا درجہ پالیتا ہے۔ (معجم الاوسط، باب المیم، من اسمہ محمد، ۴ / ۳۷۲، الحدیث: ۶۲۸۳)

(3) حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ سے روایت ہے، رسولِ کریم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم نے ارشاد فرمایا: ''میزانِ عمل میں حسنِ اخلاق سے زیادہ وزنی کوئی چیز نہیں۔

(ابو داوٗد، کتاب الادب، باب فی حسن الخلق، ۴ / ۳۳۲، الحدیث: ۴۷۹۹)

(4) حضرت عبد اللہ بن عمرو رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُمَا سے روایت ہے، رسولِ اکرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم نے تین مرتبہ یہ ارشاد فرمایا ''کیا میں تمہیں اس شخص کے بارے میں نہ بتاؤں جو قیامت کے دن تم میں سب سے زیادہ مجھے محبوب اور سب سے زیادہ میری مجلس کے قریب ہو گا۔ ہم نے عرض کی: یا رسولَ اللہ! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم، کیوں نہیں! ارشاد فرمایا ''یہ وہ شخص ہو گا جس کے اَخلاق تم میں سب سے زیادہ اچھے ہوں گے۔

(مسند امام احمد، مسند عبد اللہ بن عمرو بن العاص، ۲ / ۶۷۹، الحدیث: ۷۰۵۶)

اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْہ کیا خوب فرماتے ہیں:

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا تری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہو گا شہا ترے خالقِ حسن و اَدا کی قسم

✲ ✲ ✲

## گذارش

ماهوار الراشد جي محترم قارئين ۽ نمائندن کي گذارش ٿي ڪجي تہ رسالي جي بقايا جات هن نمبر(ايزي پيسہ) تي موڪلڻ جي عنايت ڪن.

مولانا اسرار احمد ڏاهري سڪندري **03237694070**